
ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ!
[ڪھاڻيون]
رسول ميمڻ

# ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ

[ڪهاڻيون]

## رسول ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سپ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪرفيوءَ ۾ اُڏامندڙ ڪاغذ
موضوع : ڪهاڻيون
ليکڪ : رسول ميمڻ
ڪمپوزنگ : خادم حسين جروار
سال : 2019ع
ڇپائيندڙ : ڊجيٽل پبلشنگ هائوس
تنڊوالهيار
ڊجيٽل ايڊيشن: 2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

# Karfiu men odamder kagaz

Writen by : Rasool Memon
Composed by : Khadim Hussain jarwar
Year : 2019
Published by: Digital Publishing House
Tando Allahyar
Digital Edition: 2019
books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميارِي ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. ممتاز بخاري لکي ٿو:

”جيئن ته رسول ميمڻ پيشور ڊاڪٽر رهيو آهي، ان ڪري زندگيءَ سان ٿيندڙ ڊاڪٽري واري فلسفي کي اپٽارڻ وارو فن وٽس ئي آهي، سندس ناول هجن يا ڪهاڻيون، اهي اڄ جي سنڌ سان لڳل ماضي ۽ حال جو نوحو به آهن ته انهن ۾ حيات سان هجڻ ۽ رهڻ جي ڀرپور منطقي سوچ به سلهاڙيل آهي. رسول ميمڻ جون سموريون ڪهاڻيون خالي امڪان ۽ مڪان جي ڳالهه نه ٿيون ڪن پر انهن ۾ توهان ”هجڻ“ واري فلسفي کي به پرجهي سگهو ٿا.“

هي ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڪتابي شڪل ۾ ڇپيل ناهي پر رسول ميمڻ صاحب قرب ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو آهي. سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي اسان ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ادب ۽ سنڌي لکڻين کي هر هنڌ پهچايون. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ خادم حسين جروار ڪئي آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

## سونهن سِتاءُ:


- ارپنا 6


## ڪهاڻيون :


- ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ ! 7
- پڪي 12
- خدا بخش جو ڪوهه 19
- ڪانا 22
- پناهه 26
- منهنجا شهيد ٽيل چهرا! 30
- مونجهارو 33
- سچ ۽ حقيقت 37
- ڦاٽڪ وارو 40
- نفرت جي ڏينهن ۾ پيار! 42
- وسري ويل ڪهاڻي 47
- ڦُڙا 53
- پڳل روڊ 55
- پراسرار ڪتو 57
- حالتون 60

# ارپنا

اُن پراڻي

گهڙيال جي نالي

جنهن جي طاق ۾

رزق رکندو آهيان ته

اُن ۾ وقت جذب ٿي

حياتي ڏيندو آهي!

# ڪرفيوءَ ۾ اُڏامندڙ ڪاغذ!

اُهي چار فرد موڪل وارو ڏينهن گڏ گذاريندا هيا. لياريءَ جي جهونا مسجد وٽ جيڪو رستو بغداديءَ ڏانهن وڃي ٿو. اُتي اهو فليٽ هيو. فليٽ ڇا هيو بس فليٽڙو هيو جنهن ۾ هڪ ڪمرو، پرسان دالو ۽ پاسي کان رنڌڻو هيو. اڳيان گيلري هئي جتي ويهڻ سان نظر چيل چوڪ کان آگرا تاج ۽ بهار تائين هلي ويندي هئي. اهو ننڍڙو فليٽ ان چار ماڙ عمارت جي پهرين منزل تي هيو. هيٺان ٻه دوڪان هيا جن مان هڪ ۾ ڊورن جون ڪلون خريد ڪندڙ واپاري هيو ۽ ٻئي ۾ ڪٻاڙي.

هونئن ته روڊ رواں دواں هوندو هيو پر ڪا خبر نه پوندي هئي اوچتو ڀاڄ شروع ٿي ويندي هئي، ماڻهو گهٽين ۾ گم ٿي ويندا هيا. موٽر سائيڪلون ٽڪرائجڻ کان بچنديون زوڪٽ ڪنديون هليون ويندڙيون هيون. بسون روڊن تي بيهي ويندڙيون هيون. انهن مان ڪنڊيڪٽر مسافرن کي زوريءَ هيٺ لاهيندا هيا ۽ کين چوندا هيا ”حالتون صحيح نه آهن. اهي اڳتي نه ويندا. هيٺ لهو ته اسان واپس موٽون.“

لياريءَ جون حالتون ڪليل پيٽرول جهڙيون هيون. اوچتو ٻاهه پڪڙي هر شيءِ کي وڪڙي ويندي هئي.

اهو موڪل جو ڏينهن هيو جڏهن عزرائيل ڊيوٽيءَ تي هيو. چيل چوڪ کان چاڪيواڙي ۽ آگرا تاج کان بهار تائين ڏهه ماڻهو ماريا ويا هيا. پوليس پاسو وٺي بيهي رهي. رينجرز وارا آيا. انهن ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو. ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران وڏو فساد مچي پيو. وڌيڪ پنج ماڻهو مئا ۽ رينجرز جا ٽي اهلڪار ٻه دنيا مان موڪلائي ويا. حالتون ايڏيون خراب ٿي ويون جو فوج کي گهرايو ويو. فوج اچڻ شرط چار شڪي ماڻهو پڪڙي انهن کي گولين سان اڏائي ڇڏيو. هڪ بي قابو هجوم فوج تي فائرنگ ڪئي ۽ ڪجهه فوجي زخمي ٿيا.

صورتحال ايڏي خراب ٿي وئي جو ڪرفيو نافذ ڪيو ويو. گهٽيون، روڊ رستا ويران ٿي ويا. اهي چار فرد فليٽ ۾ قيد ٿي ويا. سنڌن وقت هڪ وڳي تائين ته ٺيڪ گذريو پر پوءِ کين بک پريشان ڪيو. انهن رڌڻي ۾ پاروٿي ڊبل روٽي ۽ ڪجهه بچيل پتا تا ڪائي وقت گذاريو. انهن کي اها خبر نه هئي ته ڪو حالتون ايڏيون خراب ٿي ونديون جو ماني ۽ ڳيي لاءِ پريشان ٿي ويندا. انهن هر هر سنڪ وٽ وڃي پاڻيءَ جو گلاس ڀري ٿي پيتو جنهن ۾ سڙيل گوشت جي بوءِ هئي پر محسوس ڪيائون اها بوءِ چيل چوڪ کان ايندڙ ان دونهي ۾ آهي جيڪو پريان جهڙ جيان لياريءَ مٿان بدبوءَ جو مينهن وسائي رهيو هيو.

پري جهونا مسجد جي ان ڪنڌ وٽ جتي رستو متي نالي کان ٿيندو ماڙي پور روڊ ڏانهن وڃي رهيو هيو اتي خاڪي وردي وارن جي جيپ بيٺل هئي ۽ هڪ ورديءَ وارو ڪڇونءَ جي خول جهڙو ٽوپ پائي گن مشين سان بيٺل هيو. رڪي رڪي پريان گولين جي هلڻ جا آواز پئي آيا. پکي عرش ۾ اڏامندا هر هر جهونا مسجد جي سائي گنبذ تي لٿا پئي ۽ ڦڙڪو ڏئي اڏاميا پئي.

گل محمد گلي جنهن بستر تي بوريت مان وٽ پئي ڪاڏا ان ڳالهايو.

"اڙي ڪمال آ... هيءَ حڪومت آهي يا چاڪيواڙي جي چاچي زليخان."

رحيم بخش راوڙي بي چينيءَ مان ڪر پڇندي پڇيو

"اهو زليخان ڪير آ؟"

الهڏتي وچ ۾ جواب ڏنو "پناڻ ڪي يوسف جو پورو قصو ٻڌايو وڃي پوءِ ٻه پڇندو اهو زليخان ڪير آ."

رحيم بخش راوڙي توائيءَ مان نسوارجي دٻلي ڪڍي ۽ آخري چپٽو پري گيلريءَ مان ٻاهر اڇلايائين. روڊ تي دٻلي ڪرڻ ڪري گوليءَ جهڙو آواز ٿيو. پريان بيٺل فوجيءَ آواز تي ڪنايو پر پوءِ اهو سوچي لنوائي ويو ته ڪنهن ٻار جي حرڪت هوندي.

"بابا ڪجهه ته خيال ڪر." سائين رکيي چيو. "نسوار جي دٻلي ته ائين ٿو اڇلين ڄڻ احسان ٿو ڪرين."

گل محمد گلي پڇندو گيلريءَ ۾ ويو ۽ هيٺ ڏٺو نسوار جي دٻلي وچ روڊ تي پيل هئي. پريان هڪ فوجي گاڏي متي اڏاريندي آئي ۽ دٻيءَ مٿان چڙهي وئي. دٻي چيپجي سنهي ٿي وئي. روڊ تي ايمبولنسون ۽ فوجي گاڏيون سائرن وڄائيندو لنگهيون پئي. هڪ گاڏي جنهن ۾ ٽلهو اهلڪار ويٺل هيو ان مائيڪ هٿ ۾ جهلي خبردار ٿي ڪيو. "ڪو به گهر کان ٻاهر نه نڪري. ڪنهن ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته کيس گوليءَ سان اڏاريو ويندو."

گيلريءَ مان ڏسندي گل محمد گليءَ جي نظر هڪ ڪاغذ تي پئي جيڪو چڱو وڏو هيو. هن اکيون چنجهيون ڪري ان تي لکيل عبارت پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي ٻه سٽون لکيل هيون. مٿين سٽ غير واضح ۽ هيٺين ٿلهن اکرن ۾ واضح نظر اچي رهي هئي. هو ايڏو پڙهيل نه هيو پر پوءِ به ٿورو گهڻو پڙهي ويندو هيو. هن ڪاغذ تي لکيل عبارت تي غور ڪيو ان جي مٿين سِٽ غير واضح هجڻ ڪري ته پڙهي نه سگهيو پر هيٺين سٽ پڙهي ويو جنهن ۾ ڪچي گار لکيل هئي.

گل محمد ڪي گهڻي دير گيلريءَ ۾ بيٺل ڏسي باقي ٽي ان تجسس ۾ ته مٿان ان ڪا ڪائڻ جي شيءِ ڏٺي هجي. اهي وڏي ان وٽ آيا ۽ گيلريءَ مان هيٺ نهارڻ لڳا. انهن ڏٺو اتي رحيم بخش راوڙي جي دٻلي چپاتيءَ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي.

گل محمد گليءَ دوستن کي پرسان ڏسندي ڪين ڏيان ان ڪاغذ ڏانهن ڇڪايو جيڪو اڏامي هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيو هيو. گل محمد گليءَ آڱر کڻي اشارو ڪندي چيو "هو ڏسو سامهون ڪاغذ. ان تي ڪجھ لکيل آهي. جيڪو پڙهي ٻڌائيندو ان کي ٻُڪڪي وارو پان انعام ۾ ڏيندس."

پوءِ گل محمد ڪيسي مان اها پڙي ڪڍي جنهن ۾ چار پان ويڙهيل هيا. هڪ ڪڍي کائي ٻيا ويڙهي ڪيسي ۾ واپس وجهي ڇڏيا. انهن ٽن پري هلڪي هوا ۾ اڏامندڙ ڪاغذ کي غور سان پڙهڻ شروع ڪيو. ڪاغذ سامت ۾ آيو ته ڪين هيئين سِٽ صاف سمجھ ۾ اچي وئي، پر مٿين سٽ جنهن تي شايد ڪنهن جو نانءُ لکيل هيو سمجھ ۾ نه آئي. الهڏتي عينڪ لاهي شيشا صاف ڪيا ۽ وري پاڻي ڪاغذ کي چتايو هن هڪدم وڏي آواز ۾ رڙ ڪري چيو "لڳي شرط.. اتي زرداريءَ جو نالو لکيل آهي."

پوءِ هن ڳالھ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ وري چيو "ڏسو.. ز...ر...د...ا...ر....يءَ.... زرداريءَ جي...."

هن جي راءِ تي سائين رکيي منهن خراب ڪيو.

"بابا زرداريءَ جون نانءُ ڇو هوندو." هن چيو "لياري ته زرداريءَ جو ڳڙھ آهي، اهو زرداريءَ جو نانءُ نه آهي، غور سان ڏسو."

اهي ڏسي ئي رهيا هيا ته پريان ايمبولينس سائرن وڄائيندي آئي، جڏهن اتان لنگهي ته هوا تي ڪاغذ اڏامي اونڌو ٿي ويو.

"اهو ڪاغذ اونڌو نه ٿيو آهي پر حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو آهي." الهڏتي چيو.

گل محمد گليءَ کلندي هن کي پٺيءَ واري مڪ وهائي ڪڍي

"حڪومت جو تختو اونڌو نه ٿيو آهي تو واري.. اونڌي ٿي آهي، جنهن تي رحيم بخش راوڙ حڪومت ڪندو."

هو چارئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. انهن وٽ وقت گذارڻ لاءِ ان کان وڏيڪ ڪو مشغلو نه هيو ته گيلريءَ مان بيهي ان ڪاغذ تي لکيل عبارت پڙهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان غير واضح نانءَ کي ڳولهي ڪڍن جنهن تي ڪچي گار ڏنل هئي، اهي چارئي گيلريءَ مان ڪاغذ جي سڌي ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا، مڇر ڪالونيءَ مان ايندڙ سڪل مڇي ۽ جهينگن جي بوءِ ۾ ونهتل واءُ سان اهو ڪاغذ اڏامي وري سڌو ٿي ويو. انهن چئني جون نظرون ڪاغذ ۾ کپي ويون.

"اهو الطاف جو نالو لکيل آهي." رحيم بخش راوڙي چيو. "غور سان ڏسو... ا...ل...ط..ا...ف... الطاف جي..."

گل محمد گليءَ پنهنجي راءِ ڏيندي چيو "تي سگهي ٿو اهو الطاف جو نالو هجي، ان به لياريءَ وارن سان گهٽ ڪونه ڪئي آهي."

پوءِ انهن ڏٺو نالي وٽ بيٺل فوجي گاڏيءَ تي فائرنگ شروع ٿي وئي.

فوجي پوزيشن سنڀالي بيهجي ويا، هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو پري بهار ۾ آگرا تاج وٽ دونهي جو غبار مٿي اڀريو ٿوري دير ۾ ٽي ايمبولنسون گيلريءَ هيٺان تيزيءَ سان لنگهيون. ڪاغذ بازيگر جيان قلابازيون کائيندو ڪباڙيءَ جي دوڪان وٽ ڪريو.

گل محمد گليءَ چيو ”ڪاغذ ڏاڪڻ وٽ پيل آهي، اجهو ٿو کڻي اچان، پوءِ ڏسجو ڪير سچو ڪير ڪوڙو.“

الهڏتي ان کي روڪيو.

”نه وڃجانءِ وات ڳاڙها ڳتڪي کور نه ته جسم به ڳاڙهو ٿي ويندئي.“

گل محمد نه مڙيو هو در کولي ڏاڪڻ طرف وڌيو ته سائين رکيي کيس ٻانهن کان پڪڙيو.

”بابا ڇو ٿو موت کي دعوت ڏين، مرندين ته مائٽ گهنجڙي وارن وارو گهٽو به قربان نه ڪندئي.“

پوءِ گل محمد گليءَ پلتو ڪاڏو ۾ ڪاوڙ ۾ چيائين ”توهان يقين ڇو نه ٿا ڪريو ته اتي نواز شريف جو نالو لکيل آهي، نواز شريف جي...“

الهڏتي کي اها ڳالهه صفا نه وڻي، ان ناراض ٿيندي ذري گهٽ گل محمد گليءَ کي گار ڏني، جيڪا هن ڏيندي ڏيندي ان ڪري روڪي ته گار ڏيڻ سان معاملو وڌي وڃي ها، ان اعتراض ورايندي چيو ”لياريءَ ۾ نواز شريف جو ڪهڙو ڪم، ان لياريءَ وارن کي ڪهڙو تنگ ڪيو آهي؟“

گل محمد گلي نه مڙيو ان کيس کهرو جواب ڏنو.

”توهان پنجابي بلوچن جا پڪا دشمن آهيو.“

سائين رکيي وچ ۾ اچي ٻنهي کي الڳ ڪيو.

”بابا ٿورو ته شرم ڪيو نه ٿا ڏسو موقعو نه محل.“

پوءِ سائين رکيي ڳالهه ٽارڻ لاءِ ڪاغذ کي ڏسندي هرو ڀرو عمران خان جو نالو ڪنيو.

”عمران خان جي....“

رحيم بخش راوڙو رنگ جو ڳاڙهو ته هيو پر ڳالهه ٻڌي وڌيڪ ڳاڙهو ٿي ويو هن سائين رکيي تي الر ڪئي، اڙي انڌو ته نه آهين... ڏس چڱيءَ طرح، عمران خان ڪيئن ٿي سگهي ٿو سوچي ڳالهاءِ عمران خان ڪيئن به هجي پر ياد رک اهو خان آهي.“

الهڏتي باهه کي وڌيڪ ڀڙڪائي وڌو ان اوچتو راءِ ڏني ”ان ڪاغذ تي اسفند يار جو نالو لکيل آهي... اسفنديار جي...“

هو چارئي گيلريءَ ۾ وڙهندا هيا ۽ ڪاغذ ڪرفيو ۾ اڏامندو رهيو شام جا پنج ٿي ويا ۽ ڪرفيو لهڻ جو ڪو امڪان نه هيو. بک ڇڻني کي ڇتو ڪري وڌو هيو. گيلريءَ ۾ گوڙ متل هيو انهن کي وڙهندو ڏسي نالي وٽ بيٺل فوجي وڌي گيلريءَ هيٺان آيو.

”ڇا جو گوڙ لاتو اٿو.“ ان ڪنڌ مٿي ڪري چيو ”هلو اٿان“

اهي چارئي فوجيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳا. انهن صلاح ڪئي ته هيٺ بيٺل فوجيءَ کان ٿا پڇون ته ڪاغذ ۾ ڇا لکيل آهي.”

سائين رکيي همت ڪئي ۽ فوجيءَ کي چيو. “اسان جي وڙهڻ جو سبب هيٺ پيل اهو ڪاغذ آهي. مهرباني ڪري پڙهي ٻڌاءِ ته ان ۾ ڇا لکيل آهي.”

فوجيءَ هيٺ ڪنڌ ڪري ڪاغذ کي ڏٺو ۽ پوءِ نوڙي هٿ ۾ کنيو. ان ڪاغذ ڇهندي پڙهيو. سندس ڪاوڙ کان منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پيشانيءَ تي پگهر جون بوندون ظاهر ٿيون. ان ڪنڌ مٿي ڪري کين نفرت مان چيو “ان ۾ لکيل آهي، “توهان چئني جي...”

پوءِ ان فوجيءَ ڪاغذ ڦاڙي چار ٽڪر ڪري روڊ تي ڦٽي ڪيو.

●

# پڦي

واڻ،
چيڳل هيو،
پوءِ بہ هڪ ٻئي ۾،
ڦاٿل هيو.

پچاڙڪن ڏينهن حاجيءَ لاءِ موت مسئلو هيو. اٿندي ويهندي هن تي موت سوار هيو. هن جي هڪ جنگهہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هيو. هٿ ڦري ويو هيو ۽ واڇ ڇپي تي وئي هئي. موت هن لاءِ پوائتي صورت ٻڌجي چڪو هيو. جيڪو تارا ڦاڙي هن اڳيان بيٺل هوندو هيو ۽ اوچتو رڙيون ڪندو هيو.

“موت... موت... اڙي موت!”

پوءِ هو اداس اکين سان گهرياتين ڏانهن ڏسندو هيو جيڪي هن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندا هيا. هو ڪڏهن شانت ڪٽ تي ليٽيل هوندو هيو. ائين لڳندو هيو جيئن هو ماضيءَ جي گهڙين ۾ پاڻ کي ڳولهيندو هجي. هن جو ماضي پٿر تي اڪريل تصويرن جيان اڻ مٽ هيو.

هن جي زال جنهن کي هرڪو “پڦي” چوندو هيو اها ڏاڍي ٿڌي سڀاءَ واري عورت هئي. واندڪائيءَ ۾ هوءَ گهر جي ونگن واري ڊگهي دالي ۾ ويٺل هوندي هئي. هر ڪم آرام ۽ سليقي سان ڪندي هئي، لڳندو هيو جڻ طبيعت جي سست آهي. هوءَ هر ڳالهہ تي مرڪندي هئي ۽ پيار مان ڏاڍي ٿڌي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي. گهڻو وقت حاجيءَ جي خدمت ۾ گذاريندي هئي. هن لاءِ جنڊ تي ڪٽڪ ڏڌري پيت پچائيندي هئي. اوطاق جي صفائي ڪندي هئي ۽ شام جو ان حقي کي تيار ڪندي هئي جنهن کي چار نڙ هيا. اهو هڪ وڏو حقو هوندو هيو جنهن تي هڪ ويڪري ڦل ۾ تانبا دڪندا هيا. ان حقي کي هڪ وقت چار ماڻهو پي سگهندا هيا. پڦي حقي جو پاڻي بدلائيندي هئي. ان جا نڙ ڌوئي، ڦل جي رک ڇاڻي، تازو تماڪ وجهندي هئي. حاجي ڪڏهن ان حقي جو نڙ ڪڍي پڦيءَ کي پنيءَ تي وهائي ڪڍندو هيو.

“سستي ڇڏ...” هو چوندو هيو. “ڪم تہ ائين تي ڪرين جڻ لڳن ۾ ساهہ ئي ڪونہ تي!”

پڦي پنهنجي پني مهٽيندي هئي.

“اڙي ربن جا پيءُ مان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟” هوءَ چوندي هئي.

حاجيءَ ڪي ٻه پٽ هيا، هڪ رٻن ٻيو نبن. انهن جو گهڻو وقت ڪارخاني ۾ گذرندو هيو. جتي سٽ جي رنگائي ٿيندي هئي. گهر پرسان رنگائيءَ جو ڪارخانو هيو جتي شهر جي ڪپڙي اٽڻ جي ڪڏين جو سٽ رنگائيءَ لاءِ ايندو هيو. محلي جي هر گهر ۾ ڪپڙي اٽڻ جي ڪڏي هوندي هئي، هر گهر اندر ڪپڙو اٽڻ ڪري نار جي ڪڙڪي جو آواز ٻڌبو هيو. حاجيءَ جي رنگ جو ڪارخانو مشهور هيو. ان ۾ ٻنين تي وڏيون ٽانڪيون رکيل هونديون هيون، جن ۾ هو تيزاب ۽ رنگ جو اهڙو ته مقدار ملائيندو هيو جو رنگ پڪو صاف ۽ ڪليل هوندو هيو. ڪارخاني جي وچ تي هڪ وڏو ٿلهي ڪاٺ جو صليب لڳل هوندو هيو. جنهن جي ٻانهن ۾ ٻنهيءَ مان رنگيل سٽ ڪيڏي لڙڪائي، لٺ وجهي، گول ڦيرائي نيپوڙيو ويندو هيو. هٽ جو پورهيو عام هيو. حاجيءَ جي رنگائيءَ جي ڪارخاني ۾ ڪئي مزدور ڪم ڪندا هيا ۽ هن جي ڪارخاني جي ڪمائي عروج تي هئي.

حاجي ڊبل گهوڙا بوسڪيءَ جي قميص پائي، چانديءَ تند وارو ململ جو پٽڪو ٻڌي، چمڪندڙ واچ ويٽيءَ ۾ وجهي جڏهن پاڙي مان لنگهندو هيو ته ماڻهو هٿ ٻڌي، سيني تي هٿ رکي "بسم الله" چئي هن کي دڳ ڏيندا هيا. حاجيءَ ست حج ڪيا پر پڪي هن سان ڪڏهن حج تي نه وئي. اهو سال خالي نه هوندو هيو جو حاجي فارم نه ڀرائي. پاڻيءَ وارا جهاز هوندا هيا. جن تي ست ڏينهن سفر ڪري حاجي حج تي پهچندا هيا. روهڙيءَ ۾ ريل تائين چڙهڻ لاءِ ماڻهن جو جلوس هوندو هيو. هر ڪو حاجيءَ کي هار پارائي ان پويان هلندو هيو. مولودي ٻوڙو ڪن تي هٿ رکي ڳائيندو حاجيءَ پويان ائين هلندو هيو جيئن راهه پليلن کي دڳ ٻڌائيندو هجي. ماڻهن جو ولر وڏي اڪير مان حاجيءَ کي سيٽ تي ويهاري ائين ورندو هيو جيئن انهن اڌ حج جو ثواب ڪتيو هجي. ٽي مهينا لڳي ويندا هيا. زندگي ۽ موت جو مرحلو هوندو هيو. پاڻيءَ جو جهاز سمنڊ جي گج تي هيٺ مٿي ٿي هلندو هيو. ڪي اوڪارا ڏئي ساٽا ٿي پوندا هيا. ڪي مري ويندا هيا ۽ مئلن کي تختي سان ٻڌي وزن لڙڪائي سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو هيو. موٽڻ جي اميد انتظار ڪندڙن جي اکين ۾ جهرڪيءَ جي آکيري ۾ ويٺل ٻچي جيان پَرَ هٽندي هئي. پر اهي پڪيءَ جي واندڪائيءَ جا ڏينهن هوندا هيا. هوءَ دالي ۾ پيپل ڪٽ تي ڏاڍي سڪون سان ويٺل هوندي هئي. هوءَ ڪڏهن چنڊٽي ڪٽي ان جنڊ جي صفائي ڪندي هئي جيڪو انهن ڏينهن هن جيان آرام ۾ هوندو هيو يا هوءَ اوطاق ۾ ويجي ٻهاري ڏيندي هئي جتي مٿان بيٺل نم جا ڇٽيل پن پيل هوندا هيا. هوءَ خالي پيل ڪرسين کي ڏسندي هئي جتي حاجيءَ جا دوست ويهي حقو پيئدا هيا، پوءِ هن کي لڳندو هيو اتي ٽهڪ گونجندا هجن. حاجيءَ حقي مان سوتو هڻي دونهون هوا ۾ ڇڏيندي چيو هجي.

"اڙي سيٺ جڙيا... جيءُ آهي ته جهان آهي."

سيٺ جڙيي کي اڇا ڪلف لڳل ڪڙڪ ڪپڙا پاتل هوندا هيا، ڪلهي ڪان هڪ پاسي گولين واري پٽي ۾ پستول لڙڪندو هيو. هو جڏهن ڪلندو هيو ته هن جا ڏند ايڏا ته اڇا هوندا هيا جو ڏسڻ واري جي دل به ڪلڻ چاهيندي هئي. هن کي شاهي بازار ۾ ڪپڙي جو هٽ هيو. بمبئيءَ ۾ ڪوٺي هئي جتي سنڌ مان ململ، سوسيون ۽ انگوڇا ويندا هيا، هن کي ايڏي آمدني ٿيندي هئي جو رکڻ جي جاءِ نه هوندي

هئي. دولت ڪي لڪائڻ لاءِ ڪپهه جي جاءِ تي وهاڻن ۾ سوڙين ۾ پري چڏيو هيو. هو جنهن وهاڻي تي مٿو رکي مٿان نوٽن سان ڀريل سوڙ پائي سمهندو هيو ان جي ماليت لکن ۾ هئي. سيٺ جو نوجوان پٽ هوندو هيو. جنهن کي ماچيس جي جاءِ تي نوٽن جي ٿهي کيسي ۾ پيل هوندي هئي. اهو جڏهن سگريٽ دکائيندو هيو تہ کيسي مان نوٽن جي ٿهي ڪڍي, نوٽ ڦاڙي, روڊ تي ڪنهن هوٽل ٻاهران تنور تان ٻاري پوءِ سگريٽ دکائيندو هيو ان جي پٽ جون اکيون سدائين ڳاڙهيون هونديون هيون, ڇو جو هو ڀنگ گهڻي پيئندو هيو.

سيٺ جڙيو حاجيءَ جو گهرو دوست هيو. حقي جي چئن نڙن مان حاجيءَ جي پر وارو هن لاءِ مخصوص هيو. ٻہ ٻيا نڙ صوبيدار ۽ حڪيم رئوف لاءِ هيا.

صوبيدار وڏي لئي وارو ماڻهو هيو. هن جي وردي‌ءَ کي تي گل هيا, سندس خوبصورت زال جي هر هنڌ هاڪ هوندي هئي, محلي ۾ سڀ کان سٺي جاءِ صوبيدار جي هئي, جنهن ۾ ٻاهران سنا رنگ ڀريل هوندا هيا. ڏاڍو راشي هوندو هيو. هن جي رڌڻي ۾ مصالحي جي دٻن ۾ نوٽ ڀريل هوندا هيا. هن جو پٽ ڪنهن پوري انگريز وانگر هوندو هيو. اهو خراب سنگت ۾ اچي رلي ويو.

باقي حڪيم رئوف سنهڙي جسم ۽ ننڍي قد وارو شخص هيو جنهن کي مٿي تي ترڪي ٽوپي پاتل هوندي هئي. اهو انهن ڏينهن اخبار ڪڍندو هيو ۽ سڪين ماڻهن جي لڪيل مرضن جو علاج ڪندو هيو, هو سنکيو ماريندو هيو. هڪ دفعي هن کان سنکيو صحيح نہ مئو. ڪپڙي مارڪيٽ جي هڪ سيٺ جو پٽ جنهن جي شاديءَ کي هفتو مس ٿيو هيو جڏهن اهي ڪک ڪاڏا تہ هڪ هفتو هن جي آنڊن مان رت ايندو رهيو ۽ آخر هو دنيا مان موڪلائي ويو.

بيمار ٿيڻ کان اڳ حاجي ستين حج تي ويو هيو تہ هن پڦيءَ کي صلاح ڪئي هئي, پر پڦيءَ انڪار ڪيو هيو.

"اڙي حاجي مان ڇا ڪندس حج ڪري؟"

حاجي جڻ ڪاوڙجي پيو هيو. هن حقي جي نڙ ۾ هٿ وجهي, ان کي ٻاهر ڪڍي پڦيءَ کي چيلهہ ۾ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

"ڇوين ڇا ٿي؟" هن ڏند ڪرٽيندي چيو هيو. "ڇوانءِ ٿو حج تي هل تہ توکي حج جي خبر ناهي؟"

پڦيءَ نہ ڪڏهن نماز پڙهي, نہ ڪڏهن روزو رکيو حاجي, سيٺ جڙيي جي هٽ تان رمضان ۾ ڪپڙو وٺي ايندو هيو جيڪو هوءَ زڪوات ۾ غريبن کي ورهائيندي هئي, عيد کان ڏهاڪو ڏينهن اڳ حاجيءَ جي گهر ميلو متل هوندو هيو. پيل ۽ مارواڙي عورتون ميرا گگها پائي در ٻاهران بيٺيون هونديون هيون. پڦي ڪپڙو ڪچي جوڙا ناهي ماين ۾ ورهائيندي هئي. حاجي هر ايندڙ ويندڙ عورت کي پيو جاچيندو هيو, ڪا عورت جڏهن ٻيهر ايندي هئي تہ حاجي سمجهي ويندو هيو. هو پادر ۾ هٿ وجهندو هيو ۽ عورت کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. پڦي کلندي هئي.

“اڙي حاجي ڇڏيس.” هوءَ چوندي هئي. “وني تي تہ ونڻ ڏيس... ڪهڙا ڪتي وينداسي.”

“مان چوانءِ ٿو بڪ بند ڪر.” هو پڦيءَ کي چوندو هيو. “خيال ڪر, ڪو ٻيهر ونڻ اچي تہ ان کي ٻاهر ڪڍ.”

پڦي چپ ٿي ويندي هئي.

حاجي پنج وقت نماز پڙهندو هيو. رمضان ۾ سڀ روزا رکندو هيو. صدقو زڪوات ڏيندو هيو ۽ مسجد جي ملان جي مالي مدد ڪندو هيو. پوءِ بہ هن وٽ گناهن جو احساس هوندو هيو. هو موت کان ڏاڍو ڊنل هوندو هيو. هو چوندو هيو قبر جو عذاب ڏاڍو وڏو آهي. رب جي سامهون گناهن جو اعتراف سڀ کان ڏکيو آهي.

گهڻو پئسو هجڻ ڪري هو ڪجھ وقت عياشين ۾ مبتلا رهيو. سنگت جي رنگ ۾ رنگجي ويو. هو حقي جو نڙ وات مان ڪڍي دوستن کي ماضيءَ جو اهو قصو وڏي مزي سان ٻڌائيندو هيو. “هڪ دفعي هو ملڪ جي وڏي شهر ويو. رات جي وقت اتي اسٽيشن تي هن کي هڪ عورت ملي. هن پاڻ سان گڏ ان عورت کي ٽيڪسيءَ ۾ پوئين سيٽ تي سمهاريو. پوءِ ڊرائيور کي چيو تہ هو شهر جي روڊن تي ٽيڪسيءَ کي هلائيندو رهي ۽ پوئتي نہ ڏسي. ڊرائيور ٽيڪسيءَ اندر روشنيون بند ڪري ڇڏيون ۽ هو ڪيترو دير ٽيڪسي روڊن تي پيچائيندو رهيو. هن کي هڪ وڏي رقم عورت ۽ ڊرائيور کي ڏيڻي پئي. هو جڏهن بہ چوياريءَ ۾ اها ڳالھ ٻڌائيندو هيو تہ سڀ کلي کيرا ٿي پوندا هيا.

“واھ حاجي تنهنجا ڏينهن.” سيٺ جڙيو چوندو هيو. “هاڻي حال ڪو نہ ٿي... صفا چٽ ٿي ويو آن.”

هو حاجيءَ کي ٽوڪيندو هيو.

“دعا ڪر جڙيا.” حاجي چڙي پوندو هيو. “هاڻي بہ نڪران تہ جهنگ ٻاري ڏيان.”

هو سڀ ٽهڪ ڏيندا هيا ۽ حقو “گڙ گڙ” ڪندو هيو.

اسر ويل محلي جو ملان ايڏي تہ سريلي ٻانگ ڏيندو هيو جو پڦي جاڳڻ چاهيندي هئي پر هن کي ننڊ جا جهوٽا ايندا هيا. حاجي ننڊ مان اٿي نماز پڙهي ايندو هيو تہ پڦي پٿر ۾ ستل هوندي هئي. حاجي رڙ ڪندو هيو.

“اڙي اٿ چوانءِ ٿو... چيلھ نہ پيجي ڇڏيانءِ.”

پڦي اٿي کٽ تي ويهندي هئي.

حاجي ڪارخاني ۾ وچي رنگ جون بنيون گرم ڪندو هيو ۽ پڦي اٿي ڏڌ ولوڙيندي هئي. مکڻ جو چاڻو ڪڍي سڀ کان پهريون ڏهتي ڏي موڪليندي هئي. هن جو ڏهٽو جنهن کي پيار مان “دلدو” چوندا هيا, ان وقت نون سالن جو هيو. کير مکڻ کائڻ ڪري بدن ۾ سگهارو هوندو هيو. گهمندو هيو تہ ڳتا هيٺ متي ٿيندا هيس. جڏهن حاجي آخري حج تي ويو هيو تہ هن لاءِ قيمتي ريڊيو آندو هيو جيڪو هو شام جو گهر ٻاهران ٻهاري ڏئي, ڇڻڪار ڪري, کٽ ڪڍي ان تي رلهي وڇائي ويهي وڄائيندو هيو.

پاڙي جا همعصر ڇوڪرا هن ڇوڏاري ويهندا هيا ۽ پوءِ ريڊيو تي جڏهن الغوزن جو آواز ايندو هيو ته دلدو اٿي نچڻ شروع ڪندو هيو. هو الغوزن جي آواز تي مست ٿي پوندو هيو. هن کي الغوزن وڄائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هيو. هڪ دفعي هن الغوزن جو جوڙو ورتو. پوءِ هو اهڙي شخص کي ڳولهڻ لڳو جيڪو هن کي الغوزا وڄائڻ سيکاري. پاڙي ۾ هزاري خان رهندو هيو. جيڪو ڪتون واٽيندو هيو ۽ ايندڙ ويندڙ سان پوڳ چرچا ڪندو هيو. هن جڏهن دلدوءَ جي هٿن ۾ الغوزا ڏٺا ته ان کي سڏ ڪيائين. دلدو جڏهن ان وٽ ويو ته ان کي ٻڌايائين "جوانيءَ ۾ هو الغوزا وڄائيندو هيو. گهڻا ڏينهن ٿيا آهن هن الغوزا نه وڄايا آهن."

هن الغوزا دلدوءَ کان ورتا ۽ وات ۾ وجهي ائين وڄائڻ لڳو ڄڻ هن جو ساهه وڃڙي پيو هجي. وات واري نڙ مان ساهه ڪٽي ته نڪ مان نه ڪٽي سگهي ۽ نڪ مان ڪٽي ته وات مان نه ڪٽي سگهي. الغوزا گگ سان پرجي ويا ۽ هن دلدوءَ کي اهو چئي واپس ڪيا ته "اهي سٺا نه آهن, سستا آهن."

دلدوءَ ان ڏينهن کان پوءِ اهي الغوزا وات ۾ نه وڌا ۽ هر وقت هزاريءَ کي پيو گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. پڦيءَ کي سڀ کان گهڻو پيار دلدوءَ سان هوندو هيو. سياري ۾ پڦي پاڳ پُڃندي هئي. هوءَ سڻي گيهه ۾ اٽي جي چوري ٺاهي ان ۾ سڪل ميوو ڪٽي ملائيندي هئي. پاڙي جون ست مايون ان ۾ پاڳو ڪنديون هيون. وڏي گلم تي اڇي چادر پاڳ سان پرجي ويندي هئي. پورو پاڙو پنچوريءَ سان واسجي ويندو هيو. دلدو چوريءَ جا مُنيا پري ڪائيندو هيو ۽ پوءِ ريڊيو وڄائي نچندو هيو.

پڦي ڏاڍي رحمدل عورت هئي. ائين گهمندي هئي جيئن جيت تي پير نه اچي. هڪ دفعي ڪو نانگ گهر ۾ گهري آيو جيڪو پڦيءَ جي پيرن مان لنگهي ويو. پڦيءَ ڪنهن کي نه ٻڌايو. جڏهن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گهر جي مردن ساڳيو نانگ ڏٺو ته لنيون هڻي ماريائون. پڦيءَ رڙ ڪئي.

"اهو ته ٽيون ڏينهن منهنجن پيرن وٽان لنگهيو هيو."

سيني کي پڦيءَ تي ڏاڍي ڪل آئي, پر حاجي باهه ٿي ويو.

"تو سمجهيو ته اهو به گهر جو ياتي آهي... پلي گهمي پيو." حاجيءَ چيو.

محلي جا ماڻهو حاجيءَ کي سڪيي ستابي سان گڏ سياڻو ۽ سمجهدار به سمجهندا هيا. هن وٽ نجوم تي ڪافي ڪتاب هيا. هو ماڻهن جا هٿ ڏسندو هيو ۽ پوءِ ٻڌائيندو هيو ته هن جي قسمت ۾ گهڻيون شاديون لکيل آهن؟ هن کي گهڻي دولت هٿ ايندي؟ يا هن جي حياتي ڪيتري آهي؟ هو لاها چاڙها ڏئي ماڻهن جي نفسيات کي سامهون رکي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هيو جو هر ڪو هن مان متاثر ٿيندو هيو. هڪ دفعي ڪي ٻار اروڙ مان پراڻا سڪا لهي آيا. سڪا ڄنورَ جي ٽڪيءَ جيترا ٿلها ۽ بي ترتيب هيا. ڪجهه به ظاهر نه هيو. حاجيءَ ٻارن کان اهي سڪا ورتا, فرش تي رکي اهڙو تيزاب هاريو جو چٽا صاف ٿي پيا, پوءِ هن عينڪ پائي ڪنهن تاريخدان جيان انهن کي ڏٺو. اتي ڏنگن ڦڏن اکرن وچ ۾ هڪ ديويءَ جي مورت هئي, جنهن کي نانگ ويڙهيل هيو. حاجيءَ سڪن کي چٽائي ڏسي ٻڌايو.

"اها راجا ڏاهر جي ڀيڻ آهي, جنهن سان هن شادي ڪئي هئي, اها وڏي عذاب ۾ مبتلا آهي."

جاءِ جي اڏاوت کان اڳ محلي جا ماڻهو حاجيءَ سان صلاح ضرور ڪندا هيا. هن ڪي پلاٽ تي وٺي ويندا هيا. حاجي ڪنهن ماهر آرڪيٽيڪٽ جيان جائزو وٺي وڏي اعتماد سان چوندو هيو.

"بابا... ڪوٺيون هتان ٺهراءِ... دالو هيڏانهن ويندو... هتي رنڌڻو ٺهندو... ۽ ڏاکڻ هتان مٿي ويندي اوطاق ٺهرائيندين تہ پڌر ننڍو ٿي ويندئي... منهنجي صلاح آهي، چڙهي اوطاق ڪي."

هو چوندو هيو ۽ جاءِ جو مالڪ رڳو ڪنڌ لوڏي "ها...ها" ڪندو هيو.

اهي سياري جا ڏينهن هيا جڏهن حاجي ستين حج تان موٽيو هيو. ماڻهن جو هجوم هن سان ساڻ هيو. هو گلابن جي ڪنڊيين سان سٽيو پيو هيو مولودي ٻوڙو هن پويان ڪن تي هٿ رکي ڳائيندو پئي آيو. هرڪو حاجي کي مبارڪون ڏئي رهيو هيو. گهر پهتو تہ سڄو گهر عورتن سان ڀريل هيو. ٻار ڊوڙي رهيا هيا. سانجهيءَ جي نماز جو وقت هيو. حاجي وضو ڪرڻ لاءِ دکي تي وينو تہ هن ڪوٽ لاهي پرسان رکي قميص جون ٻانهون مٿي ڪيون. تکڙ ۾ اٿيو تہ هن جو ڪوٽ اتي وسري ويو. هن جي ڪوٽ ۾ سون جو ڳنڍيو پيل هيو جيڪو هن مديني مان ورتو هيو. ڪوئي اک بچائي ڪوٽ مان اهو سون جو ڳنڍيو چورائي ويو. حاجيءَ نماز پڙهي جڏهن ڪوٽ پائي کيسي ۾ هٿ وڌو تہ هن جا هوش اڏامي ويا.

"اڙي سون جو ڳنڍيو ڪاڏي ويو؟" هن رڙ ڪئي، ماڻهن ۾ چوٻول پئجي ويو پڇا ڳاڇا ٿيڻ لڳي، هرڪو قسم قرآن کڻي ويو. سون جو ڳنڍيو نہ مليو. ان ڏينهن کان ڏک ۽ فڪر ۾ حاجيءَ جي طبيعت خراب ٿي وئي، ڪاوڙ ۽ غصو وڌي ويو، اٿندي ويهندي پڦيءَ سان پيو وڙهندو هيو.

"اڙي حاجي ڇاتي ڇتو ٿيو آن... سون ويو تہ الله ٻيو ڏيندو." هوءَ چوندي هئي.

هڪ ڏينهن حاجي بيمار ٿي پيو. هن جي هڪ ڄنگهہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هو مڙي ويو ۽ واچ ڇپي ٿي وئي. سڀني سمجهيو، حاجيءَ جو آخري وقت اچي چڪو آهي، حاجيءَ بہ محسوس ڪيو هاڻي هو مرڻ وارو آهي. هاڻي قبر جو عذاب آهي. هاڻي هو رب ڏانهن راهي ٿيڻ وارو آهي جتي هن جي اعمالن جو پڇاڻو ٿيندو. هن سوچيو جيڪر هن جا حج، زڪواتون ۽ خيراتون هن کي موت کان بچائي سگهن، پر اهو سڀ ناممڪن هيو. هر انسان کي هلڻو آهي ۽ هن جون ڄنگهون بہ قبر ۾ لڙڪي رهيون هيون. حاجيءَ کي زندگي ڏاڍي عزيز هئي، هن کي موت کان نفرت هئي، هن لاءِ زندگي کهڙي بہ هئي پر ڏاڍي سٺي هئي، موت جي احساس هن کي بزدل ڪري وڌو هيو. هو هر وقت رڙيون ڪري روئندو هيو.

"موت... موت... اڙي موت"

انهن ڏينهن پڦيءَ حاجيءَ جي وڏي خدمت ڪئي. هوءَ ڪٺڪ ڏڏري پيت رنڌي، حاجيءَ کي هٿن سان کارائيندي هئي. هن کي واڻ تي ويهاري صابڻ سان جسم ڌوئيندي هئي. منجهند جو جهنگلي ڪبوتر جو شوروو تيار ڪري پيئاريندي هئي. هن کي سهارو ڏئي هر هر اٿاريندي هئي ۽ سمهاريندي هئي. هن جا هنڌ بسترو صاف رکندي هئي. پڦي اهو سڀ اطمينان ۽ صبر سان ڪندي هئي. هن نرڙ

تي ڪڏهن گهنج نہ وڌو ۽ هن جي چپن تي سدائين مرڪ هوندي هئي. هڪ دفعي حاجيءَ هن کي مرڪندو ڏسي پنهنجي اندر جي باهہ ڪڍڻ لاءِ چيو.

“مان تو مران ۽ تون تي ڏند ڪڍين.”

پڦيءَ کو جواب نہ ڏنو هوءَ پيار ۽ ڏک مان حاجيءَ کي ڏسندي رهي ۽ پوءِ هن جا گندا ڪپڙا کڻي هلي وئي.

حاجيءَ جي صحت لاءِ ڪارن ٻڪرن جو صدقو ڏنو ويو. قرآن جا ختما ڪيرايا ويا ۽ مسجدن ۾ دعائون گهرايون ويون. انهن ڏينهن پڦيءَ پهريون دفعو رب کان دعا گهري.

“اي رب... حاجيءَ کي حياتي ڏي.”

حاجيءَ جي طبيعت نہ سڌري. وقت سان خراب ٿيندي اهڙيءَ حد تي پهتي جو سڀ آسرو لاهي ويٺا. انهن سمجهيو هاڻي حاجي مرڻ وارو آهي. پر حاجي نہ مئو هڪ ڏينهن پڦي مري وئي.

هوءَ رات جو حاجيءَ جي خدمت ڪري ٿڪجي سمهي. صبح سان ننڊ مان نہ اٿي. سيني اڇي ڏنو پڦي سڌي سمهيل هئي ۽ دنيا مان موڪلائي چڪي هئي. سڀ هن مٿان ڪنا تي ڏاڍو رُنا.

دفنائڻ کان اڳ حاجيءَ کي سهارو ڏئي هن جي مڙهہ مٿان آندو ويو. هن پڦيءَ جو آخري ديدار ڪيو. پڦي ڪفن ۾ ڏاڍي آرام سان ليٽيل هئي. هن جي منهن تي اطمينان هيو ۽ چپن تي مرڪ. پڦيءَ جي چپن جي مرڪ ڏسي حاجي روئڻ ۾ اهڙو تہ ڇتو جو هن کي ڪو بہ چُپ نہ ڪرائي سگهيو.

•

# خدا بخش جو ڪوھ

ڳوٺ ڪان ڪوھ پري اتر طرف جتي انبن جا وڻ هيا، انهن وچ ۾ خدا بخش جو ڪوھ هيو. ڪوھ چا هيو جڻ خدا بخش هڪ گهر جو الڳ ڳوٺ اڏيو هيو. هن جي چار جريب زمين ڪوھ جي پاڻيءَ تي آباد ٿيندي هئي ۽ گهر ڪوھ ويجهو زمين ڪي ڏنل ٻني تي هيو. اوڏڪين ڀتين ۽ ٿوڻين تي بيٺل ان گهر جي اڱڻ ۾ هڪ ڪنڊي مينهن هئي، پاسي سان ڏاندن جي ٻيهارڻ لاءِ لانڊي ۽ پرسان ئي ڪڪڙن جي کُڏ هئي. وڏي اڱڻ چوڌاري ڊينگر هيا ۽ ڊينگرن جي وچ تي ڪاٺ جي ٿلهين ٻانهين سان ٺهيل ڏنگو ڦڏو در هيو. جنهن جو ڪم چورن کي روڪڻ نہ هيو پر گهر جي حد ظاهر ڪرڻ هيو.

خدا بخش سڄو ڏينهن ڪوھ تي ڪم ڪندو هيو. هوٻاريون ناهي سبزي پوکيندو هيو. هر هلائي اناج اپائيندو هيو. مالهہ ۾ ڦرندڙ ڏاندن جي سيوا ڪندو هيو. ڪنڊيءَ جو ڪير ڏهي زال کي ڏيندو هيو. زال ڏڌ ولوڙيندي هئي. مکڻ جام هيو. نم ۽ انبن جي وڻن ۾ ماکيءَ جا مانارا ائين لڙڪندا هيا، لڳندو هيو انهن مان ماکي ٽمي ڄاڻ هيٺ ڪري.

خدا بخش لکيل پڙهيل نہ هيو. نہ ٽي وي هئي، نہ ريڊيو نہ اخبار. هن جو ملڪ ڪوھ هيو. ڪوھ هلندو هيو جڻ ملڪ هلندو هيو. ڏاند ڪوھ چوڌاري ڦرندا هيا. مالهہ ۾ ٻڌل ڪينرين مان پاڻي نيسر تي وهي ٻنيءَ ۾ ويندو هيو. گوگڙو، ڀينڊيون، توريون، پالڪ، ڪريلا، گوبي، وانگڻ، ٽماٽا، سڀ سبزيون ائين ٿينديون هيون جو ٻار، پاڻ ۽ سندس زال کائي ڪيرا ٿي پوندا هيا. اناج ايترو هيو جو گنديون ڪڍهن نہ کٽيون. ڪڪڙ، بيدا ۽ ماکي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي هيا.

خدا بخش واندو ٿيندو هيو تہ ڪوھ جي پاسي ڪان انب جي ڇانوَ ۾ کٽ تي آهلي پوندو هيو. جڏهن رب جا ٿورا مڃڻ لاءِ منهن آسمان ڏي ڪندو هيو تہ ڪيس آسمان نظر نہ ايندو هيو. آسمان گهاٽين لامن ۾ لڪيل هوندو هيو ۽ لامن مان لڙڪندڙ انب ڏسي لڳندو هيو جڻ سوين سائيون دليون هن مٿان قربان ٿيڻ لئي تيار هجن.

هڪ ڀيري هو کٽ تي آهليو پيو هيو تہ سدائين جيئڻ قربان علي هڪ هٿ ۾ اخبار جهلي هن وٽ آيو ۽ سلام ڪري پرسان وينو. اچڻ شرط هن خدابخش کي ٻڌايو تہ “شهر ۾ وڳوڙ وڌي ويا آهن. ماڻهو ماڻهوءَ کي ماري رهيو آهي، ڪا خبر نہ ٿي پوي، ڪير مري ٿو ڪير ماري ٿو؟ ڪو قانون نہ آهي. حڪومت بي وس آهي.”

خدا بخش سوچيو، ڇا جي حڪومت، الائي ڪهڙو قانون. ڪوهه هلي ٿو ڏاند سلامت آهن. خدا مينهن کي حياتي ڏي. ٻارن ٻچن جو خير. باقي حڪومت جا ڪم حڪومت سان.

هن قربان عليءَ جون خبرون ٻڌيون ۽ پوءِ ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيون.

قربان علي شهر کان موٽندو هيو ته ڳوٺ وڃڻ کان اڳ خدا بخش وٽ ساهي پٽيندو هيو. هو نيسر مان ٻڪ پاڻيءَ جو پي حال اوريندو هيو.

هڪ دفعي شهر کان موٽندي قربان عليءَ ٻڌايس ته "بجلي ۽ گئس ايڏي مهانگي ٿي وئي آهي جو ماڻهو روڊن تي نڪري آيا آهن. ماڻهن جون اڌ پگهارون بلن ۾ هليون وڃن ٿيون."

خدا بخش سوچيو نه ڪيس فرج، نه اي سي، نه پکا، نه بلب. باقي گئس جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. جهنگ ۾ ڪاٺيون جام آهن. ڏورن ڪري ڇيڻن جي کوٽ نه آهي. قربان علي ويو ته هو بي فڪر ٿي ليٽي پيو.

هڪ ڀيري هو ڪم مان واندو ٿي ڪٺ تي ويٺو ئي مس ته قربان علي پريان سهڪندو آيو. نيسر مان ٻڪ پاڻيءَ جو پيتو ۽ منهن کي چنبو هڻي ٻڌايو ته "اليڪشن کان پوءِ قهر ٿي ويو آهي. نئين حڪومت جي اچڻ سان ڊالر وڃي آسمان کي لڳو آهي. روپئي جو ملهه گهٽجي ويو آهي. ملڪ قرض هيٺ ٻڏڻ وارو آهي. هر شيءِ تي ٽيڪس لڳائي مهانگائي ڪئي وئي آهي. ڪرپشن جي ڪيس ۾ وڏا ماڻهو پڪڙيا آهن، انهن کان اوڳاڙيءَ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هر ڪو خوف ۾ مبتلا آهي."

قربان عليءَ جون ڳالهيون ٻڌي خدا بخش سوچيو الائي ڪهڙو ڊالر، الائي ڪهڙو قرض. پوءِ هن منهن مٿي ڪري ڇڻ دعا گهري "رب وڏن ماڻهن کان پناهه ڏي. ڪوهه سلامت رک. ٻارن ۽ ڏاندن کي حياتي ڏي. ڪنڊيءَ جو خيال ڪجانءِ. ڪکڙين جي حفاظت ڪجانءِ."

قربان عليءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ هو آهلي پيو.

قربان علي هڪ دفعي آيو ۽ ٻڌايائين ته "پيٽرول ايڏو مهانگو ٿي ويو آهي جو هڪ ڊرائيور پنهنجي رڪشي کي اهو چئي ساڙيو آهي ته ٽريفڪ وارن جو ڀتو ۽ پيٽرول جو خرچ ڪڍڻ ڪانپوءِ ايترو نه ٿو بچي جو گهر هلائي سگهي. جنهن رڪشي جي هلڻ سان گهر نه هلي ان کي ساڙڻ بهتر آهي."

قربان عليءَ جي خبر تي خدا بخش ڪليو ۽ سوچيائين شڪر آهي ڏاند آهن. ڏاند گاهه کائيندا آهن. پيٽرول نه پيئندا آهن. اهو سوچي هو بي فڪر ٿي سمهي پيو ۽ پوءِ رب جو شڪر ڪيائين جنهن ڪيس ڪوهه جهڙي نعمت سان نوازيو ۽ پاڻيءَ جهڙي رحمت ڏني جيڪا پيٽرول کان سوَ درجا بهتر هئي.

هڪ دفعي هو ڪم مان واندو ٿي، نيسر وٽ هٿ منهن ڌوئي ڪٺ تي ويهڻ وارو هيو ته قربان علي شهر کان موٽيو ۽ پاڻيءَ چڪو پي ڪيس ٻڌايو ته "نهنڌڙ ڊيمن ڪري درياهه ۾ پاڻي ايڏو ته گهٽجي ويو آهي جو هاري بيروزگار ٿي ويا آهن. زميندار بک مرڻ لڳا آهن. پڇڙيءَ وارن کي پاڻي نه ملي رهيو آهي. مظاهرا ٿي رهيا آهن. سمنڊ مٿي چڙهي آيو آهي. هزارين ايڪڙ زمين کاري ٿي چڪي آهي. حالتون خراب آهن."

خدا بخش سوچيو شڪر آهي رب جو ڪوهه سلامت آهي، ٻني سائي آهي، سبزي جام آهي. گنديون خالي نه آهن. پوءِ هو مطمئن ٿي ڏاندن جي ٻوٽ تي هٿ ڦيرڻ لڳو.

قربان علي جڏهن به ڳوٺ موٽندو هيو ته رستي ۾ خدا بخش جو ڪوهه هجڻ ڪري، ان وٽ ويهي ساهي پٽيندو هيو پاڻيءَ ڇڪو پي ڪيس احوال اوريندو هيو. ان ڪڏهن شهر ڪان سٺي خبر نه آندي، سپ خبرون مايوس ڪندڙ هيون. پر انهن جو خدا بخش تي ڪو اثر نه پيو. هن وٽ ڪوهه هيو ڪوهه ۾ پاڻي هيو. ڏاند هيا، ٻني هئي، سبزيون، اناج، ڪڪڙيون، بيدا، کير، مکڻ، ڏڌ، انب ۽ ماکي هئي، هو الڳ ملڪ جو ماڻهو هيو. هن مٿان چورن، ڌاڙيلن، ظالمن ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جو ڪو اثر نه هيو. هن وٽ پنهنجي معيشت هئي. پنهنجو نظام هيو.

ڏاند ڪوهه چوڌاري ڦرندا رهيا، پاڻي ڪينرين ۾ پرجي نيسر مان وهندو ٻني آباد ڪندو رهيو. سبزيون پچنديون رهيون، اناج اپندا رهيا. ڪڪڙيون، بيدا، لسي، مکڻ، کير، ماکيون ۽ انب پچندا رهيا. خدا بخش جي زندگي وڏي مزي ۾ پئي گذري. ملڪ ٻرندو رهيو. ماڻهو وڙهندا رهيا. مهانگائي چوٽ چڙهي وئي. ڊالر آسمان ڇهڻ لڳو پيٽرول ناياب ٿي ويو. بجلي اڻ لڀ ٿي وئي. گئس ڪٽي وئي. ملڪ جو ڏيوالو نڪري ويو. پر خدا بخش جي ڪوهه جو خير هيو. هن جي دنيا هلندي رهي.

نيٺ ڇا ٿيو جو موسم ۾ تبديلي آئي، مينهن نه وٺا. ڪوهه جي پاڻيءَ جي سطح ڏينهون ڏينهن هيٺ ٿيندي وئي، جتي پاڻي نظر ايندو هيو اتي پاڻي وڃي تري کي لڳو. مالهه ننڍي ٿي وئي. ڪينريون خالي ٿي ويون. هن اميد ڪئي ته مينهن وسندا ۽ ڪوهه ڀربو پر سال لنگهي ويا مينهن نه وٺو. ڪوهه صفا خالي ٿي ويو. زمين ويران ٿي وئي. ڏاند ڏٻرا ٿي ويا. ڪنڊيءَ کير ڏيڻ ڇڏي ڏنو. اَنُ نااياب ٿي ويو. ڪڪڙيون، هڪ هڪ ٿي مرڻ لڳيون. وڻ ويران ٿي ويا. ماکي موڪلائي وئي، انب اڻ لڀ ٿي ويا. سبزيون سڪي ويون. اناج چڻ هيو ئي ڪونه. هر طرف ڏوڙ اڏرڻ لڳي. ٻار ٻڪ مرڻ لڳا. زال بيمار ٿي پئي. پاڻ ڪمزور ٿي ڪٽ تي ڪريو. منهن ڪٽي مٽي ڏنائين. وٽن جي سکل تارين مان آسمان صاف پئي نظر آيو. اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. روئندي رب کي چيائين:

"الله تون نه رُسين ها، باقي هي ته منهنجو آڱوٺو به پٽي نه سگهن ها."

●

# ڪانا

شاخ جي ٻنهي پاسن ڪان وڻ ۽ ٻوڙا سڪي ويا. ڪڏهن اهي ساوا هوندا هيا. شاخ ڪنن تائين وهندي هئي. هاڻي شاخ ۾ ڏوڙ ائين اڏرندي هئي جڻ پوئڪيءَ جو روح. پوئڪي خاص مڇي هئي جيڪا شاخ جي وهندڙ پاڻيءَ تي حڪمراني ڪندي هئي. مڇي مار ته پوئڪي مرندي هئي. قداور جي چنگهه جيڏي پوئڪي، پچاءِ ته اهڙي سٺيي جو گيهه وجهڻ جي ضرورت نه پوي.

شاخ سڪي نوٽ ٿي وئي، ٻوڙا سڪي ويا. شاخ ڪنارن تي ڪرٽن جهڙا ڪانا اڻ لپ ٿي ويا.

ڪانن مان پترون ٺهنديون آهن. ڪاٺيون نه هجن ته چلهه ۾ ڪانا سڙندا آهن. ڪانو ڪٽي اڳٽ وجهڻي ناهبي آهي، ڪوري تانيءَ ۾ ڪانا وجهي ڪپڙي جي چال ناهيندو آهي. ڪنڍيءَ ۾ ڪانو ٻڌي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن، مڇي ڪنڍيءَ ۾ ڦيل ڪاچ ڪي چڪ هڻندي آهي ته ڪانو لڏندو آهي، ڪانو مئل جي قد سان ماپي قبر جي کوٽائي ٿيندي آهي. پر ڦيرل ڪاني سان ملهه وڙهندو هيو.

هيو به ڪاني جهڙو سنهو منهن مان ئي مسخرو لڳندو هيو چپ بند ڪري نه، کولي مرڪندو هيو.

اهي ڳوٺ جا سکيا ڏينهن هيا، پاڻي پاڻ سان گڏ برڪت وهائي ڪٽي ايندو آهي. شاخ خزاني سان ڀريل هوندي هئي. ٻنيءَ ۾ اوت ته هر طرف اناج جا داڻا موتين جيئن وکري ويندا هيا. ٻاجهر ايڏي هوندي هئي جو جهار هلڪڻ جي ضرورت نه ٿيندي هئي، پڪي پيٽ ڀري ڪائيندا هيا. جيڪا بچي ته ماڻهن جي ڪائڻ ڪان مٿي هوندي هئي.

لابارا لهندا هيا ته ميلا مچندا هيا، گنديں ڪڏهن گوندر نه ڏٺا، ڪنارن تائين ائين سٽيل هونديون هيون جيئن پکين جا گج، جن سان نڙيون ڦوڪيل هونديون آهن.

پڇاڙڪو ڳوٺ هيو هاري ئي هاري هيا، ڪنهن کي وڏيري ٿيڻ جي ضرورت نه هئي. هڪ چڱو مڙس هيو جنهن جو پنج ڪوهه پري هڪ وڏيري سان واسطو هيو ڳوٺ چڱي مڙس معرفت وڏيري سان "ها" ۾ "ها" ملائيندو هيو.

هر لاباري تي لالڻ لنگهو اهڙو ته دهل وڄائيندو هيو جو ڪٽڪ جا ٻوٽا مست ٿي نچندا هيا ۽ نچي نچي ڪنڌ لاباري لاءِ پيش ڪندا هيا. شاهه جي پڙ ۾ سڄو ڳوٺ گڏ ٿيندو هيو جڻ عيد ٿي ويندي هئي. هر ڪو خوش ۽ ڪلندو هيو. ملهه ۽ پڇريءَ جا مقابلا ٿيندا هيا. نم جي وڏي وڻ هينان پٽڙ جون پڇريون ڀيل هونديون هيون، هر ڪو زور آزمائي ڪندو هيو پر ڏمڻ ماڇيءَ جهڙو جانئو ڪو به نه هيو. ٻيا سڀ پڇريءَ جي هٿئي ۾ مٺ وجهي هڪ هٿ سان مڻ جي پڇري ڪڻن ته ڏمڻ ماڇي هڪ هٿ

سان ست ڏئي ٻن مٽن جي ٻچري ائين ڪٽندو هيو جو ڦٽر جي ڦچريءَ مان ڇيلھ جي ست جو آواز ايندو هيو.

ملھ جا مقابلا ٿيندا هيا تہ ميدان ۾ سڀ ڪان ڀهريون پنهنجي قد جيڏو ڪانو ڪٽي پيرل لهندو هيو پيرل ۽ ڪاني ۾ ٿورو فرق هيو. ڪانو پيرل کان ٿورو سنهو هيو پيو پيرل کي لنگ وريل هوندو هيو ۽ ڪانو انگ اگهاڙو ڪاني کي ڪپڙن جي ضرورت نہ پوندي آهي ڇو جو اهو لڱ نہ ڪندو آهي، شاخ ڪناري پاٽي متيءَ سان لڳ ڪندو آهي تہ ڪانو پيدا ٿيندو آهي.

ميدان ۾ تاڙيون وڄنديون هيون، لالڻ لنگهو بود مان پٽو ورائي پيٽ تي رکيل دهل ڪٽيندو هيو. دهل مان آواز ايندو هيو "پيٽ ۾ لُل... ڳوٺ ۾ هُل... پيٽ ۾ لُل... ڳوٺ ۾ هُل... پيٽ ۾ لُل..."

ملاکڙي جو دستور هيو. باقاعدي ملھ شروع ٿيڻ کان اڳ وندرائڻ لاءِ پيرل ۽ ڪاني جي ملھ ضروري هئي، پيرل ڪانو ساڻ ڪري ميدان ۾ ايندو هيو تہ ٺهڪڙا پئجي ويندا هيا. پوءِ هو ڪاني سان ملھ وڙهندو هيو. وڏو فنڪار هيو. ڪانو ائين جهليندو هيو جو ڪاني ۾ ساھ پئجي ويندو هيو. پوءِ ويڙھ شروع ٿي ويندي هئي، لڳندو هيو ڪاني کي ٻہ ٻانهون ۽ ڄنگهون هجن. پيرل ڪاني کي ڀاڪر وجهي تہ ڪانو ٻہ ان کي چنبڙي پوندو هيو. ڪڏهن ڪانو اڳتي تہ پيرل پوئتي، ڪڏهن پيرل اڳتي تہ ڪانو پوئتي، ڪانو اندي هٽندو هيو ۽ پيرل چڙائيندو هيو. پيرل اندي هٽندو هيو تہ ڪانو چڙائيندو هيو. پيرل زور ڏئي ڪاني کي هيٺ ڪيرائڻ جي ڪندو هيو ۽ ڪانو زور ڏئي پيرل کي هيٺ ڪيرائڻ جي ڪندو هيو.

هجوم ۾ ٺهڪڙا پئجي ويندا هيا. لالڻ لنگهو دهل تي وسندڙ ھر ڏونڪي تي مست ٿي پيو لڏندو هيو.

ڪانوءِ پيرل هڪ ٻئي کي ائين زير ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا، لڳندو هيو ڄاڻ ٿو ڪانو ملھ ڪٽي ۽ وري لڳندو هيو اها ملھ ڪاني کان زور آهي ڄاڻ ٿو پير ڪاني کي دسي. وڏي هڻ هٽان ڪانپوءِ نيٺ ملھ پيرل ئي ماريندو هيو. ڪانو ڦيرائي آخري اندي هٽي هيٺ ڪيرائي مٿان چڙهي پوءِ اٿي نچندو هيو. ماڻهن جون تاڙيون وڄي وينديون هيون، ٺهڪ دهل جي ڏڪن تي پکين جيان اڏامي وري اچي ملاکڙي تي لهندا هيا.

ملھ ماري پيرل اڳتي ايندو هيو تہ پنهل پهلوان ڪيس ٺوڪيندو هيو "سدائين ٿو ملهون مارين، ڪڏهن ڪاني کي ٻہ وارو ڏي."

"ڪانو ملھ ماري تہ پيرل پهلوان ڪيئن سڏجي؟" هو کلي جواب ڏيندو هيو.

پيرل جي ڳالھ تي پنهل کان ٺهڪ نڪري ويندو هيو ۽ هو ڪيس ويندي ڇوندو هيو "واھ جي ڪئي ٿي اسان پهلوانن سان."

پوءِ باقاعدي ملھ جا مقابلا شروع ٿي ويندا هيا. ملھ ملهون وڙهندا هيا. ڪي دسبا هيا تہ ڪي دسيندا هيا پر پيرل ۽ ڪاني جهڙي مزيدار ملھ ڪو ٻہ وڙهي نہ سگهندو هيو.

ان پيچاڙڪي شاخ جي خوشي پاڻيءَ جهڙي هئي، پاڻي خوشي هوندو آهي ته خوشي پاڻي تي ويندي آهي، جيسين شاخ وهي پئي، تيسين ”واهه“ وهي پئي ۽ پوءِ روڪ شروع ٿي وئي.

گذريل چاليهن سالن ۾ ڪهڙا ڪِيس نه ٿيا؟ ائين لڳو ڄڻ پاڻي زمين چوسي وئي، زمين پاڻي چوسيندي آهي ته ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ محفوظ هوندو آهي، وڻ ساوا هوندا آهن. ٻوڙا ڪڏهن نه سڪندا آهن پر پاڻي اهڙو سڪو جو ڌرتيءَ جي نڙي خشڪ ٿي وئي، زمين ڏرا ڏئي وئي.

ڊيم ٺهيا، رُخ موڙيا، پاڻي چوري ٿيو پاڻي چوري نه ٿيندو آهي، اغوا ٿيندو آهي. چوري بي جان شيون ٿينديون آهن. پاڻيءَ ۾ ته ساهه آهي. اغوا ٿيل ڀنگ ڏئي موٽندا آهن پر پاڻي ڀنگ ڏئي اغوا ڪيو ويندو آهي.

جڏهن پيچاڙڪي شاخ سڪي ته ماڻهن جا منهن لهي ويا، انهن احتجاج ڪيو، روڊ تي آيا ۽ باهه ڏئي ڪانا ساڙيا، روڊ بند ته ٿيو پر شاخ نه کُلي، نه ڪو ملڻ آيو نه ڪنهن دلداري ڏني، نه ڪنهن ذمو کنيو.

چڱي مڙس پنج ڪوهه پري وڏيري سان ڳالهايو شاخ ۾ ٿورو پاڻي ڇڏيو ويو. پاڻي ائين آيو ڄڻ دانگيءَ تي ڇنڊا، ان پيچاڙڪي شاخ جي ڳوٺ جون خوشيون ختم ٿي ويون. ڪڏهن ڪٽڪ سان ڪنگريون پرجي وينديون هيون. هاڻي ٻاجهر ٻڪ ۾ نه ٿي سمائي. ميلا ملاکڙا ٿيندا هيا پر لالڻ لنگهي جو دهل ائين وڄندو هيو جيئن ماتم ڪندو هجي.

اها انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، پيرل ملاکڙي ۾ ملهه وڙهڻ لاءِ شاخ ڪناري ڪانو ڪٽڻ ويو. ڪانا هيائي ڪونه، جيڪي ٻه چار بيٺل هيا اهي هوا ۾ گسي اهڙو آواز ڪڍي رهيا هيا جيئن روئندا هجن. دانهن ڏيندا هجن، چوندا هجن ”اسان ڪک جا نه رهياسي.“

پيرل ڪنايو ڪيس ڪنن تي اعتبار نه پئي آيو اڳتي وڌي، اهو سوچي ڏنائين ته ملهه لاءِ ڪو مضبوط ڪانو ڪٽي وڃان پر سڀ ڪانا سڙي سنها ٿي ويا هيا. هن کي هڪ ڪانو اهڙو نظر آيو جيڪو ڳُر ۾ ٻين ڪانن کان سَرسُ هيو. هن هٿ وڌائي ان کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪاني مان آواز آيو. هو ڊڄي ويو پر همت ڪري ڪانو ڪٽيائين. نظر ورائي ڏٺائين ڪيس سڀ ڪانا ڪاوڙ مان ڏسي رهيا هيا.

هو ڪانو ڪٽي شاهه جي پڊَر طرف هليو ته لالڻ لنگهي جي دهل جو آواز پري کان ٻڌجي رهيو هيو. پري کان دهل جو آواز وڻندو آهي، ويجهو آيو ته دهل ٻڪ کان روئي رهيو هيو. ”ناهي لل ته ڪهڙو هُل... ناهي لل ته ڪهڙو هُل... ناهي لل ته...“

ڦهريون ڦيجرين ڪٽڻ جا مقابلا ٿيا، ائين لڳو ڄڻ پٽر جون ڦيجريون ڳريون ٿي ويون هجن. جتي جاننا مڻ جي ڦيجري هڪ هٿ سان ڪٽيندا هيا، اتي ٻن هٿن جو زور ڏئي ٻه نه ڪٽي سگهيا. ڏمڻ ماڇي جنهن تي اهو نانءُ ان ڪري پيو جو سندس چنگهون هاٿيءَ جهڙيون هونديون هيون. ان اڳتي وڌي

جڏهن ٻن مٽن جي پڇريءَ ۾ هٿ وجهي مٿي چڪيو تہ لڳو پراڻن پاون تي بيٺل ڇت بار سهي نہ سگهندي.

ملهہ جا مقابلا شروع ٿيا، سڀ ڪان پهريون جڏهن پيرل هٿ ۾ ڪانو جهلي ميدان ۾ لٿو تہ ٺهڪڙا پئجي ويا، ماڻهن جا مايوس چهرا تازا ٿي ويا، ڄڻ هجوم ۾ جان پئجي وئي، تاڙيون وڃي ويون، لالڻ لنگهي جي دهل ۾ ساڳي موج موٽي آئي، هو دهل تي ڏونڪا وسائڻ لڳو تہ دهل جي ڪنن جا پردا کلي ويا.

پيرل ڪاني کي هٿ سان سامهون بيهاريو تہ لڳو ڪاني کي اکيون آهن. ڪانو ڪاوڙمان هن ڏي تڪي رهيو آهي، پيرل ڪاني کي ويجهو آٽي ٻڪ وڌو تہ کيس محسوس ٿيو ڪاني جون ٻانهون نڪري آيون آهن ۽ انهن بہ اهڙو ٻڪ وجهي سوگهو ڪيو آهي جو سندس ساهہ ڪٽڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي. پيرل ڪاني کي ڦيرائي اڇلائي هنئي. ڪانو ڄنگهہ ڇڏائي ويو. ڪاني مان ڄنگهہ نڪتي ۽ پيرل جي ڄنگهہ ۾ وچڙي پئي. پيرل حيران ٿي ويو. هو ڪاني کي پاڻ نہ وڙهائي رهيو هيو پر ڪانو پاڻ وڙهي رهيو هيو. سوچڻ لڳو ڪانو آهي يا جن. ڪانو ملهہ جيان وڙهڻ لڳو. پيرل سهڪي پيو ۽ هن کلهي وٽ ڪاني جي سهڪڻ جو آواز ٻڌو.

ماڻهو تاڙين ۾ مچي ويا. انهن اڳ پيرل جي ڪاني سان اهڙي ملهہ نہ ڏٺي هئي. تاڙيون ائين وڄڻ لڳيون ڄڻ سڪل وڻن جا پن نڪري آيا هجن ۽ شوهہ ۾ پنن جو آواز تاڙين کان گهٽ نہ هجي. ملهہ وڙهندي پيرل ڪاني کان اندي ڇڏائي ٻڪ ۾ گول ڦيرائڻ لڳو. ڪاني پير سنڀاليا ۽ پيرل کي ڇيلهہ ۾ هٿ وجهي اهڙو ڦيرايائين جو ڏسندڙن جو مٿو ڦري ويو "اڙي واهہ!" پنهل پهلوان ڇيو. "ملهہ تہ ڏس ڄڻ ماڻهو پيا وڙهن" پيرل وڙهندي ڏٺو ڪانو جوش ۾ ڏڪي رهيو هيو. سندس نظر ايندڙ هٿ هيا، ڄنگهون هيون ۽ منهن هيو. ان جي اکين ۾ ڪاوڙ ۽ نفرت هئي. اهو ملهہ جيان جسم کي حرڪت ڏئي داءَ هڻي رهيو هيو.

ملهہ وڌو وقت هلي، لالڻ لنگهي جو دهل وڃي ڦاٽڻ لڳو. ماڻهن جا ٽهڪ بند ٿي ويا، کين لڳو اهو مقابلو مسخري نہ آهي. هڪ پهلوان جو پهلوان سان مقابلو آهي. ڪاني ۽ پيرل جي هر داءَ تي هجوم تاڙيون وڄائي داد ڏيڻ لڳو. مقابلو هلندي ڪانو پيرل کي اهڙو وچڙيو جو کيس ڦيرائي ڪٽي پٽ تي اڇليو. ڇيلهہ جي سٽ کان پيرل جي رڙ نڪري وئي. پيرل هيٺ ڪانو مٿان.

هجوم ۾ حيرت ڇانئجي وئي، اها ان ڳوٺ جي پهرين ملهہ هئي جيڪا ڪاني پيرل کي ماري هئي نہ تہ ان کان اڳ سڀ ملهون پيرل ئي ماريندو هيو. تاڙين جي گونج ۾ پٽ تي پيرل، مٿان پيل ڪاني کي ڏٺو. ڪاني ڳالهايو.

"پيارا پيرل ڳالهہ سِرَ تي اچي تہ وڙهڻو پوندو آهي، باقي روڊ تي ڪانن ساڙڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو."

●

# پناهه

ماڻهو ڏاڙيلن کان ڊنل هوندا آهن ۽ چور ماڻهن کان. چور ۽ ڏاڙيلن ۾ ٻٽ جو فرق هوندو آهي، ڏاڙيلن ٻنهي ٻڌڻ ۽ ڇڏي ڏنيون آهن.

هو چور هيا، ڏاڙيل نه هيا. چور هجڻ ڪري لڪندا وتندا هيا. سج انهن جو دشمن هيو ۽ رات جو رنگ انهن جي ٻڌل ٻٽ جهڙو.

جڏهن ٻوڏ آئي ته ڳوٺ خالي ٿي ويا، اڳواٽ اطلاع ڪري ڳوٺاڻا مال متاع ۽ ڍور ڍڳا ڪاهي ويا. ڪٿي ڪا شيءِ رهجي وئي ته اها ايڏي قيمتي نه هئي جو ان کي جنازي جيان ڪلهو ڏئي قبر ۾ لڪائجي.

نظر جي حد تائين سج ئي سج هئي، پڪين وڏن وڻن جي چوٽين تي پناهه ورتي هئي، پڪين کي خبر هئي ته ٻوڏ اچڻ واري آهي، جڏهن ٻوڏ اچڻ واري هوندي آهي ته ڪانءُ هر هر تيڪ لاهيندو آهي.

اها وڏي ٻوڏ هئي، پاڻي پري کان ائين پئي ڊڪندو آيو جيئن جانورن جو ڌڻ ڏوڙ اڏاريندو پيو اچي، ٻوڏ هر شيءِ لتاڙي وئي، ڪچ سريون جايون، پڪسريون جايون، حويليءَ جي چوديواري جنهن ۾ سڀ راز لڙهي ويا. اها ٻوڏ نه هئي، قيامت هئي، جيڪا سڀ گناهه وهائي ڌرتي پاڪ ڪري وئي. وڻن جي چوٽين تي ويٺل پکين کي پاڻي ڪلهن تي آيو ان کان اڳ جو انهن جون ڇهنبون ٻڏن، اهي اڏامي اهڙو وڻ ڳولهڻ لڳا جيڪو کين ڇهنب کي پناهه ڏئي سگهي.

ماڻهن شهر جي اسڪولن ۾ پناهه ورتي هئي، پڪي پناهه جي ڳولها ۾ شهرن جو رستو ڳولهي رهيا هيا ۽ پاڻي ڊڪندو جڻ پناهه ڳولهي رهيو هيو.

جڏهن سڀ پناهه ڳولهيندا آهن ته چور پناهگاهن مان ٻاهر نڪري ايندا آهن. هو چور هيا ۽ انهن جي پناهه ڪمند جي پوکن کان پري، ڪڙٻ جي ڪنارن کان ٿيندي، ڪانهن جي ڪانن وچ ۾ ڪوٽيل کڏ مٿان اوڏڪين پٽين اندر لڪيل ايتري وٽي هئي جنهن مان ماڪوڙا آرام سان اچي وڃي سگهندا آهن. اهي ڏاڍا ڊنل چور هيا، انڪري ته سندن پوليس سان دوستي نه هئي، انهن جي پناهگاهه جي خبر صرف جهرڪين کي هئي ۽ دوستن کي انڪري نه هئي جو کين چانهه پيئارڻ جيترا پئسا به نه هيا. ڏاڙيلن جي دور ۾ چورن کي ڪير ٿو پڇي؟

پناهگاهه مان نڪرڻ ۾ ڪين ڏکيائي نه ٿي ڇو جو ٻوڏ سج مان لنگهڻ ڇڏي ڏنو آهي. اها ڳوٺ واهڻ ۾ وستيون لتاڙيندي آهي، جيئن ماڻهن کي سندس اهميت جو اندازو ٿئي. ٻوڏ چورن لاءِ رُخ نه متائيندي آهي، پل اهي چور گدڙجيان کڏ ۾ لڪيل ڇو نه هجن!

هو پناهگاهه ڇڏي ان نيت سان نڪتا ته مخلوق پناهگاهن ۾ لڪيل هئي، انهن کي چوريءَ لاءِ ٻٽ ٻڌڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي ڇو جو ڪين خبر هئي ته خدا سڃاڻي ٿو بس ماڻهو نه سڃاڻين، جڏهن ماڻهو هيا ئي نه ته ٻٽ ٻڌڻ مان ڇا فائدو؟

هو هلندا هڪ ڳوٺ ۾ آيا ته اتي مئل ڪوئن ڪانسواءِ ڪجهه نه هيو. ڪين حيرت ٿي، انهن کي خبر هئي جهاز ٻڏندا آهن ته سپ ڪان ڀهريون ڪوئا ڀڄندا آهن. پر اهي ڳوٺ پرست ڪوئا جن ٻوڏ جي خوف کان ڊرتي نه ڇڏي ۽ موت جي منهن ۾ وڃي ماڻهن کي مات ڏني.

“خيال سان” ربنواز چيو. “ڪو ڪوئو جاڳي نه پوي.”

قادر بخش ٽهڪ ڏنو.

“ڪوئا جاڳي ٻلن کي ڇا ڪندا؟” هن چيو.

پوءِ هن گپ مان ڏاند جي گهنٽي ڪڍي ربنواز کي ڏيندي چيو “وٺ ٻڌي ڇڏ.”

هو ڪلڻ لڳا. ڪلڻ جو اصل سبب خالي ڳوٺ هيو. سچ ۾ چورن جو ميلو لڳندو آهي، هو ڳوٺ جو هر گهر لوسي ڪتي وانگر نوسڻ لڳا.

“اڙي قاتل بوٽ” ربنواز بوٽ مان پاڻي هاريندي چيو. “وٺ پٽ کي ڏجانءِ”

قادر بخش ڪليو ته سندس چولي مان سنهي ڇيلهه ڦتڪندي نظر آئي.

انهن ڏٺو ڀتيون ۾ ڇتيون ائين ڪريل هيون جيئن ناراض هجن. جاين خودڪشي ڪئي هئي، ڀيل سامان وچوڙي جي ڏک ۾ مري ڏپ ڪري ويو هجي. ڇڳل ڪٽون، ڀڳل پاوا، قاتل رلهيون، جيڪي گپ ۾ ايڏيون ته ڪوجهيون نظر اچي رهيون هيون، جو سندن دل چاهيو ته ڪڏ کوٽي دفنائي ڇڏين. ڀڳل مٽ، ڇبا گلاس ۽ هڪ دانگي جنهن کي ربنواز هٿ ۾ کنيو ۽ پٽ ڏسي پري ڦٽو ڪيو.

“دانگيءَ جي پٽ ٻوڏ ڏوئي ڇڏي آهي.” ان چيو.

“وڏو ڪو...” قادر بخش ڪيس گار ڏني. “ڪڻ پڇائي ڪاءُ، ڪاري ٿي ته ڪم آڇجانءِ.”

“اڙي پچائڻ لاءِ به ته ڪجهه هجي نه.” ربنواز چيو. “منهن ۾ ان بنا دانگي ڪهڙي ڪم جي.”

هو ڳوٺ جي گپ ۾ گهمندا رهيا، ڪا ڪم جي شيءِ نه هئي.

“واهه موسميات وارو توهان کي ڏوڙوجهان.” ربنواز ٻيڙي کي ڏندن ۾ چڪ هڻندي چيو. “ڪو وقت هيو ٻوڏ ايندي هئي ته ماڻهو خوابن ۾ ٻڪون ڀريندا هيا، هاڻي وقت آهي جو ٻوڏ جي ڀهچڻ کان اڳ ان جي خبر پهچي وڃي ٿي.”

قادر بخش ٿڌو ساهه کنيو.

"چوين سچ ٿو چور جا پٽ" هن مذاق ۾ ڪيس ٺوڪيندي چيو "جوان جو پٽ ان ڪري نه چوندو سانءِ جو تون اجان ڳوٺ ۾ ڪم جي شيءِ چوري نه ڪئي آهي."

"هيءَ ڳوٺ نه ته ٻيو ڳوٺ، ٻيو نه ته ٽيون، ڪٿي نه ڪٿي ڪا شيءِ ملي پوندي" هن چيو.

"ها" قادر بخش چيو. "سون سان ڀريل پيتي، جنهن ۾ رکيل نوٽ آلا ٿي ويا هوندا ۽ سون ڏوپچي چمڪندو هوندو."

هو ڳوٺ ڇڏي ٻاهر آيا. انهن ڏٺو ڪڙ سان لوَن جون چوٽيون ڏوپچي گلابي ٿي چڪيون هيون، پاٽي لهڻ ڪانپوءِ پڪي سانتيڪا ٿي آڪيرن ۾ ائين پناهه وٺي ويٺل هيا جيئن موت کي جهنگلي جانور جيان ويجهو ڏسي هيسل هجن. ڳيرا ميرانجهڙن پرن سان وڪوڙجي آلين اکين سان آکيرن مان ائين ڏسي رهيا هيا جيئن ڪين ڪنهن ٻئيءَ ٻوڏ جو انتظار هجي. جيڪا ڪين پناهگاهه ڪان ٻي دخل ڪري ڇڏيندي، جهرڪيون، ڪبريون، ڪانءَ ۽ ڳوٺ جي وڏي پڏر پويان مزار ۾ لڪيل ڪبوترن جي هيٺان رکيل آنا ائين ڦتڪي رهيا هيا جيئن انهن ۾ ٻچا ڪنهن ايندڙ آفت ڪان ڏڪندا هجن.

ٻئي ڳوٺ ۾ پهتا. اهو به پهرين جيئن هيو. ماڻهو ويندي سڀ ڪٽي وڃي ٿو اهو ڪفن به نه ٿو ڇڏي، ڳوٺ ۾ ڪجهه نه هيو سواءِ ڪانون جي جيڪي گپ ۾ مئل ڏهري ڏاند جي هڏن کي ٺونگا هڻي رهيا هيا. هڪ بيمار ڪتو ڪمزور ڏندن سان هڏن چباڙڻ جي ڪوشش ۾ ڏندن جي سور ڪان ڪنجهي رهيو هيو. چورن کي ايندي ڏسي ان پونڪڻ جي ڪئي ته پوئين جنگهن ۾ ساهه نه هجڻ ڪري ائين جهڪي ويو جيئن سندس جسم جو روح ٻاهر نڪرڻ لاءِ پڇ هيٺان زور ڏيندو هجي.

"اڙي مڙس ڏس، مڙس جا ڪم ڏس." ربنواز چيو.

قادر بخش ٻيڙي آڱرين ۾ جهليندي چيو "پونڪڻ ڏيس، پونڪ بند ٿيس ته پاڻ ٻئي پونڪنداسين."

هو ڳوٺ جو هر گهر جاچڻ لڳا، مينهن جا ڪونر پاٽيءَ سان ڀريل هيا. ڪٽ لڳل پيٽين جا ڍڪ ائين ڪليل هيا جيئن ساهه منجهڻ ڪري انهن جا وات ڦاٽي ويا هجن. ميرا چولا، سٽٿيون، پلاسٽڪ جا بال، پڳل ڇهتير، پترون ۽ ڳريل سرون، ڪا شيءِ اهڙي نه هئي جيڪا ڪم آڻي سگهن. هڪ هنڌ گپ ۾ چاٻين جو ڇلو پيل هيو قادر بخش ڪنيو ننڍيون وڏيون چاٻيون ڏسي ٺڏو ساهه ڪنيو.

"سڄي عمر چاٻيون ڳولهيندي گذري وئي، مليون به ته تالا نه هيا."

هن افسوس مان چيو.

ربنواز گپ ۾ هلندي ڪيس ڪنڌ ورائي ڏٺو.

"چريا اهي جنت جون چاٻيون اٿئي." ان چيو. "ٻڌو آهي جنت کي تالو نه آهي پر چاٻيون آهن، اڇلائجانءِ نه، ڪنهن ملان کي ڏينداسين.

قادر بخش چاٻيون چمي کيسي ۾ وڌيون، هو گهمندا رهيا ۽ هڪ ڊٺل گهر جي پٺيءَ مان ڪونئرو ڪڍي آيا، اهو سوچي ته اج ڪانپوءِ ڏوئيندا سين."

هو هلندا تئين ڳوٺ ۾ آيا ۽ پوءِ چوٿين ۽ پنجين ۾، سڀ ڳوٺ هڪجهڙا هيا، ڪٿي ڪو ماڻهو نظر نه آيو ڇيٽا جام هيا.

“ڪمال آهي ڇيٽو آهي، ماڻهو ڪونهي.” قادر بخش ٻيڙي دکائيندي چيو.

ربنواز وري ٿڪ ڏئي کليو.

“پاڻ ٻئي ڇا آهيون؟” هن سوال ڪيو.

“چورن ڪانسواءِ ماڻهو، ماڻهو نه هوندا آهن.” هن چيو “۽ ماڻهن ڪانسواءِ چور، چور نه هوندا آهن.”

قادر بخش گپ ۾ پيل سليٽ ڏٺي، سليٽ تي لکيل هيو “ٻوڏ”. هو ٿورو گهڻو پڙهيل هيا، پڙهي حيرت تي ته آخر “ٻوڏ” جو لفظ ڏٺو چونه آهي. ربنواز ڏٺو ۽ چيو “اهو ٻار نه لکيو آهي، پر شايد ٻوڏ لکيو آهي، جيڪا پليٽ مٿان لنگهيندي لکي وئي.”

“چوين سچ ٿو” قادر بخش چيو “ٻوڏ به ته ٻوڏ هئي، اهڙي ٻوڏ هڪ دفعو اڳ ٻڌي هئي، جڏهن ڏاڏو جيئرو هيو ۽ چوندو هيو ته پٽ اهڙي ٻوڏ آئي جو توهان جي پڙڏاڏي کي وهائي وئي.”

“يا رب پناهه” ربنواز چيو “ان وقت ڪان پناهه جنهن وقت ٻوڏ نه اچي.”

اهي کلندا، پوڳ چرچا ڪندا گهمندا رهيا، ڪائنات جي هر شيءِ پناهه ورتي هئي، سڄ جهڙ ۾، ڏرتيءَ پاڻيءَ ۾، ماڻهن سرڪاري اسڪولن ۾، پکين آکيرن ۾، ڍورن وٿاڻن ۾، نانگن وڻ جي شاخن ۾، بس هو هيا جيڪي پناهه ڇڏي، پناهه ڇڏي ويلن جي نشانن کي ڳولهي رهيا هيا. ڪين ڪٿي به ڪا ڪم جي شيءِ نه ملي، هلندا هڪ گهر ۾ آيا، اتي هڪ صندل تي پيٽي پيل هئي، پيٽيءَ کي تالو لڳل هيو. انهن پيٽيءَ کي سوري ڏٺو پيٽي پريل ۽ وزني هئي، ڪين پڪ ٿي وئي ته ڳولهيندي نيٺ خزانو ملي ويو آهي. ان ۾ ضرور سون ڳهه ڳنا، نوٽ ۽ نوان ڪپڙا هوندا، ربنواز تکڙ ۾ سراتو ڪٽي پيٽيءَ جي تالي کي هنيو. تالو ائين کلي ويو جيئن ٻئي ڏک برداشت ڪرڻ جي ان ۾ همت نه هجي. انهن ڍڪ کولي ڏٺو سندن منهن لهي ويو. ٻيڙي ربنواز جي ڏندن مان ڇڏائجي هيٺ آلاڻ ۾ ڪري ته ان مان سوسٽ ائين نڪتو جڻ قادر بخش جي ڇپن مان نڪتو هجي.

پيٽي پاڻي سان پريل هئي، ٻوڏ ڪان بچڻ لاءِ پاڻيءَ پيٽيءَ ۾ پناهه ورتي هئي. “ايڏي ٻوڏ” انهن چيو ۽ ڪنن تي هٿ رکيا.

•

# منهنجا شهيد ٿيل چهرا!

منهنجي عمر ايڪهٺ سال آهي، ماضي ڏاڍو ياد اچي ٿو عمر جا سڀ چهرا ياد آهن. ڪڏهن ڪنهن ٻار، نوجوان يا اڌڙوٽ جو چهرو ڏسندو آهيان ته ائين لڳندو آهي جيئن منهنجو چهرو ڪنهن وقت ان جهڙو هيو.

جڏهن صفا ننڍو هيس ته امڙ ٻڌائيندي هئي، مونکي سهڪي جي بيماري هئي، سهڪندو هيس ته سيني ۾ سيٽيون وڄنديون هيون. سيٽيون وڄڻ سنو سوَڻ نه هوندو آهي. پراڻن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ماٺهوءَ جي مرڻ کان اڳ عزرائيل ان جي ڪن وٽ سيٽي وڄائيندو آهي. چون ٿا قيامت کان اڳ سيٽي وڄڻي آهي ۽ اها سيٽي سنک مان سرائيل وڄائيندو. ننڍپڻ ۾ منهنجو منهن ڪمزور ۽ هيڊو هيو. پاسيريون نڪتل هونديون هيون ۽ بخار ۾ ورتل هوندو هيس. ڏرا ڏئي ويل اکيون ڳوڙهن سان تر هونديون هيون. مون هڪ مئل ٽري ٻار جو چهرو ڏٺو مونکي ان چهري ۾ پنهنجو چهرو نظر آيو.

حقيقت اها آهي ته مان جنهن ماحول ۾ ڄايس اهو تر جي ماحول جهڙو نه هيو. ڪمزوري ۽ بيماريءَ جو سبب منهنجي ذاتي صحت هئي. ٽر جي پيٽ ۾ روزگار جا وسيلا وڏيڪ هيا. منهنجو پيءُ هڪ اسڪول جو هيڊماستر هيو ۽ شام جو بازار ۾ هڪ هول سيل ڪپڙي جي دڪان تي ملازمت ڪندو هيو. وقت چڱو گذري رهيو هيو. جڏهن نوَن سالن جو ٿيس ته بيماريءَ هيٺائيءَ مان نڪري آيو هيس. علاج ۽ خوراڪ سنو اثر ڏيکاريو. منهنجو منهن مرڪندڙ ۽ تازو هيو. ڳهاٽا وار چهري تي ٺهندڙ هيا. اسڪول ۾ پڙهندو هيس ۽ فٽ بال کيڏندو هيس. روز هڪ ڪلاڪ ان بيند ماسٽر وٽ ڪلارنيٽ سکندو هيس جيڪو صبح سان اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ بيند تي قومي ترانو وڄائيندو هيو. مان آئيني ۾ ڦٽي ڏيندو هيس ته منهنجو چهرو سهڻو ڏسڻ ۾ ايندو هيو. صفا ان ٻار جي چهري جهڙو جيڪو ٻه سال اڳ پشاور آرمي پبلڪ اسڪول تي دهشت گردن جي حملي ۾ شهيد ٿيو مون سيني شهيد ٻارڙن جا فوٽو ڏٺا، منهنجي شڪل ان ڇوڪري سان ملندڙ هئي جنهن جو فوٽو بورڊ تي ٻيو نمبر صف ۾ ساڄي پاسي ٽئين نمبر تي لڳل هيو. پريل ويڪرو منهن ٺهندڙ سهڻا وار ان جي چپن تي مرڪ هئي ۽ اکيون منهنجي ماءُ جي اکين سان ملندڙ هيون. ڇو جو منهنجيون اکيون امڙ جي اکين جهڙيون آهن. وڏي ڳالهه اها آهي ته ان جو منهن منهنجي پٽ سان به ملندڙ هيو ۽ منهنجي پٽ جي شڪل صفا مون جهڙي آهي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي، مان مري ويو آهيان يا منهنجو پٽ؟

مان جيئرو آهيان ۽ ڪيترا دفعا مري چڪو آهيان. منهنجا ڪيترائي چهرا فنا ٿي چڪا آهن ۽ منهنجين يادن ۾ مدفون آهن. سورهن سالن جي عمر ۾ جوانيءَ جو تجربو ٿي سال هوندو آهي. هر شيءِ خوبصورت نظر ايندي آهي، مان ڦوهه جوان هيس. منهن تي ٿڌندڙ هلڪيون مڇون هيون، مونکي پنهنجو اهو چهرو ياد آهي، اهو ان نوجوان جي چهري جهڙو هيو جيڪو شهر ۾ نسل پرست دهشتگرد هٿان ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ماريو ويو. چون ٿا مئل ڪڏهن جيئرا نہ ٿيندا آهن، پر مان ان جو مثال آهيان، جڏهن ڪو مري جيئرو ٿيندو آهي تہ موت جو احساس ان وٽ پنهنجي شدت سان موجود هوندو آهي. موت کي هڪ جيئرو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو ۽ مون وٽ اهي سڀ احساس موجود آهن.

جڏهن چوويهن سالن جو ٿيس تہ ڪتابن سان دوستي هئي، هر وقت پڙهندو رهندو هيس. هڪ پراڻي ڪاٺ جي ٽيبل هوندي هئي، جنهن تي ٽيبل ليمپ ڪتاب مٿان ڪنڌ هيٺ ڪري ائين بيٺل هوندو هيو جيئن مون سان گڏ اهو بہ هر ورق غور سان پڙهندو هجي. ڪمري ۾ اتر واري دريءَ کان نم جو وڻ هيو ۽ هوا سان گڏ نم جا هيڊا پن ڪمري ۾ ڪرندا هيا. اتي ٻور جي خوشبوءِ هوندي هئي. يونيورسٽيءَ جو آخري سال هيو. اکين ۾ مستقبل جي چمڪ هئي ۽ چپن تي اميد جي مرڪ، منهنجو چهرو صفا ان نوجوان جي چهري جهڙو هيو جيڪو يونيورسٽيءَ تي ٿيل دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيو. ٽيهن کان مٿي شاگرد شهيد ٿيا. بورڊ تي لڳل فوٽن ۾ منهنجو چهرو ان چهري سان ملندڙ هيو جيڪو پنجين نمبر صف ۾ کاٻي پاسي ڇهون نمبر هيو. صفا منهنجي چهري جهڙو. مرڪندڙ ۽ حسرت ڀريل نظرن سان ڏسندڙ. اهو مان هيس، مون کان سواءِ ڪير ٿي سگهي ٿو. اها گولي مونکي لڳي.

جڏهن پنجٽيهن سالن جو هيس تہ مون کي ٻہ ٻار هيا، سرڪاري ملازم هيس ۽ جوابدارين جي بار کان ٿورو جهڪيل هيس. ڪاري ڏاڙهيءَ ۾ ٻہ ٽي اڇا وار هيا ۽ اکين هيٺيان هلڪا گهنج هيا. حج جي حسرت هئي، نماز روزي جو پابند هيس. زڪوات وٽ آهر ڏيندو هيس، شڪارپور جي مسجد ۾ ڌماڪو ٿيو منهنجو چهرو انهن مان هڪ نمازيءَ جهڙو هيو.

جڏهن چاليهن سالن جو ٿيس تہ جسم ۾ ڀريل هوندو هيس. ڊلو منهن لڙڪندڙ ڏاڙهيءَ ۾ لڪيل هيو. ٽوپي پائيندو هيس ۽ ڪڏهن ڪلهي تي رومال رکندو هيس تہ مٿان وقت جي ڌوڙ منهن تان صاف ڪرڻي پوي، منهنجو چهرو عام رواجي هيو جنهن جي چمڪ عمر جي ڪوهيڙي ۾ جهڪي پئي ٿيندي وئي. اهو صفا ان شخص جي چهري جهڙو هيو جيڪو قبائلي جهيڙي ۾ ماريو ويو. ساڳيو چهرو، ڊليون اکيون، هيٺيان گهنجن جون لڪيرون، ميرانجهڙا وار، قبيلي وارن بس بيهاري سجاٽپ ڪاربڊ ڏنا ۽ ذات پڙهي کين گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.

جڏهن ٻاونجاهہ سالن جو ٿيس تہ نرڙ جا گهنج واضح هيا، وار ڪير جهڙا اڇا هيا. فلسفو پڙهڻ ڪري اکين جي چمڪ موٽي آئي هئي، چپ سنها ۽ افسوس کان پيڪوڙيل هوندا هيا. سنڌ ماڻهن جي سنگت ۾ ويهڻ جو موقعو مليو جنهن ڪري ڳالهائڻ ۾ لحاظ ۽ نرمي هئي. منهنجو چهرو صفا ان دانشور جي چهري جيان هيو جنهن کي يونيورسٽي روڊ تي شهيد ڪيائون. اهو منهنجو چهرو هيو. ڪهڙو فرق

هيو؟ مون ان چهري کي گهڻا دفعا غور سان ڏٺو. اهو منهنجي عمر جي ان حصي ۾ چهري سان ملندڙ هيو. مان مري چڪو هيس ۽ مان آهيان جيڪو جيئرو آهيان!

هاڻي ايڪهٺ سالن جي عمر ۾ منهنجو چهرو ان شخص جي چهري جهڙو آهي جيڪو هڪ ويران ڪمري ۾ ڏرتيءَ جا ڏک ۽ سور لکي رهيو آهي. ان اميد ۾ ته هڪ ڏينهن انهن جو انت ضرور ٿيندو.

•

# مونجهارو

اهو شام جو وقت هيو. هڪ هال اندر دهشت گرديءَ خلاف ڪانفرنس جاري هئي. ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ زندگيءَ جي هر شعبي جي ماڻهن کي دعوت ڏني وئي هئي. اتي سائنسدان هيا. ڊاڪٽر هيا، پروفيسر هيا، انجنيئر هيا، هاري هيا، مزدور هيا، شاعر هيا ۽ جج هيا. هر شعبي جي نمائندي کي ڳالهائڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو هيو. سڀ پنهنجي راءِ ڏئي رهيا هيا. هڪ وڏو بحث متل هيو. دهشتگردن جي ٽولي جي سربراهه ڏينهن اڳ هڪ بيان ۾ ان ڪانفرنس کي آمريڪي سازش قرار ڏنو هيو. هن چيو هيو ته حڪومت اهڙيون ڪانفرنسون ڪوٺائي آمريڪا کي خوش ڪرڻ گهري ٿي جيئن ان کان هڪ وڏي امداد حاصل ڪري هڙپ ڪري سگهجي. دهشتگردن جي سربراهه اڳواٽ بيان جاري ڪري اها ڌمڪي پڻ ڏني هئي، جيڪڏهن اهڙي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ته ان جو نتيجو ڏاڍو خراب نڪرندو. ڌمڪيءَ باوجود حڪومت وڏو خرچ ڪري اها ڪانفرنس ڪوٺائي هئي ۽ ان جو اجلاس زور ۽ شور سان جاري هيو.

ڪانفرنس ۾ شريڪ ماڻهن جي بچاءَ لاءِ حڪومت وڏا اُپاءَ ورتا هيا. هر شريڪ ٿيندڙ کي ڳچيءَ ۾ ڪارڊ لڙڪايو ويو هيو. ٻاهرين در وٽ ڦاٽڪ بند ڪري ايندڙ ويندڙ گاڏين جي سخت چڪاس پئي ڪئي وئي ۽ هال جي ڇت تي مصلح گارڊ گنين سان ببيهاريا ويا هيا.

هال ۾ جاري ڪانفرنس ۾ سائنسدان ڳالهائيندي چيو "مون ايٽم بم ٺاهيو ميزائيل ٺاهيا، آبدوز ۽ جنگي جهاز ٺاهيا، مون قوم جي بچاءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري هر اهو هٿيار ٺاهيو جيڪو انهن کي تحفظ ڏئي سگهي. پر افسوس ايڏن هٿيارن هوندي به ماڻهو محفوظ نه آهن. ملڪ ۾ ڪنهن جي به عزت ۽ آبرو سلامت نه آهي. هر ڪنهن جي جان خطرن ۾ ويڙهيل آهي پر پوءِ به منهنجو دماغ هن قوم جي امانت آهي" هن جي ڳالهه تي هال ۾ موجود حاضرين تاڙيون وڄايون ۽ پوءِ هڪ پروفيسر ڏڪندو مٿي آيو ۽ هن تقرير دوران ڳالهه سمجهائڻ لاءِ پنهنجي هٿن کي هر هر هوا ۾ پئي هلايو. هن چيو "تاريخ ۾ ان جو ڪو مثال نه ٿو ملي ته انسان ائين بي وس بڻيو هجي جيئن اڄڪلهه آهي، معاشيات کي ڌڪ لڳو آهي. جاگرافيائي سطح تي اسين ورهائجي چڪا آهيون. آثار قديما اندر ٻڌ جي مجسمن کي خطرو آهي. اسلاميات مان سچ ۽ ڪوڙ جي شناس نڪري چڪي آهي ۽ علم لانسان ۾ انسانيت جي وصف بدلجي چڪي آهي. مون هن زبان سان هزارين ليڪچر ڏئي جهالت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اڄ به منهنجي زبان قوم جي امانت آهي."

هن جي ڳالهه تي وري تاڙيون وڳيون ۽ پوءِ هڪ ڊاڪٽر اڇو ڪوٽ پائي اسٽيج تي آيو. هن کيسي مان ٿرماميٽر ڪڍي ڏيکاريندي چيو "گذريل ڪيترن ڏينهن کان ماڻهن جو گرمي پد بدلجي

چڪو آهي. هر ڪنهن جي حرارت وڌي چڪي آهي. رت جو دٻاءُ پنهنجي عروج تي آهي. شگر انسان جي جسم ۾ ضايع ٿي رهي آهي. اهو سڀ دهشت ۾ خوف ڪري آهي. اسان مجبور آهيون. اسان جي هٿن ۾ ٽرماميٽر ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي، منهنجي هٿن شفا ڏني، هزارين آپريشن ڪيا ۾ اڄ به منهنجا هٿ قوم جي امانت آهن.“

هن جي ڳالهه تي سيني تاڙيون وڄايون ۾ جڏهن هو هيٺ لٿو ته هڪ انجنيئر مٿي چڙهيو ان سڀ ڪان پهريون پنهنجي عينڪ لاهي اگهي اکين تي پاتي ۾ پوءِ چيو ”معزز دوستو پليون تباهه ڪيون ويون، جيترو ڪمپيوٽر کي خوار ڪيو ويو شايد ئي ڪنهن ٻئيءَ شيءِ سان اهڙي جُٺ ٿي هجي، موبائيل فون دهشتگردن جو وڏو هٿيار آهي. مون تيز نظرن سان مشاهدو ڪري آسائشيون ايجاد ڪيون پر اهي بي آراميءَ جو سڀ ڪان وڏو سبب آهن. بجلي نه هوندي ته شيون ڪيئن هلنديون، منهنجيون تيز مشاهدو ڪندڙ اکيون اڄ به قوم جون امانت آهن.“

هن جي ڳالهه تي سيني تاڙيون وڄايون ۾ پوءِ هڪ ڏبرو شاعر مٿي اسٽيج تي آيو ان جي منهن جا ڳِنا اندر ۾ وات ٻاهر نڪتل هيو. ان چيو ”ڌماڪن ۾ شاعريءَ جو آواز دٻجي چڪو آهي، شاعريءَ جا سڀ صفحا رت ۾ آلا آهن. ڌماڪن جي آواز تي آسمان جا سڀ پکي غائب آهن، گوشت اڏامي رهيو آهي، دونهي ۾ ڳوڙهن جو رنگ سرمئي آهي ۾ اکيون ڳاڙهيون آهن. دهشت جي باهه ۾ محبوبا جا وار ڄر جيان لهرائجي رهيا آهن ۾ ان جا چپ خشڪ آهن ظالم جي دماغ جيان، منهنجي دل ڌڙڪي ٿي قلم جي نوڪ تي، مان جيئرو رهندس ۾ اڄ به هيءَ دل قوم جي امانت آهي.“

هال تاڙين سان گونجندو رهيو ۾ شاعر جي ڳالهه ڪان پوءِ اهو ضروري سمجهيو ويو ته سيني کي چانهه پياري وڃي. هڪ الڳ هال ۾ چانهه جو بندوبست ڪيو ويو هيو جتي سيني گڏجي نمڪو ڪائي چانهه پيئي ۾ انهن کي پاڻ ۾ ميل ملاقات جو سٺو موقعو مليو. ٿوري دير ۾ سڀ سٺي موڊ ۾ کلندا ڳالهائيندا وري هال ۾ داخل ٿيا ۾ ڪانفرنس ڪاميابيءَ سان جاري رهي.

هڪ هارين جو اڳواڻ اٿي اسٽيج تي آيو ۾ ان ميري گوڏ سان پنهنجا ڳوڙها اگهندي چيو ”سائين ڪهڙو عرض ڪيان، ڳالهه اها آهي ته زماني ترقي ڪئي، ٽيڪٽر ڪيڙيو پاڻ وڌايو پر بابي سائينءَ کي به ساڳي ميري گوڏ جيڪا مون کي ٻڌل آهي، دهشتگردي عروج تي آهي، ڪتن ڪڻڪ ڪائڻ شروع ڪئي آهي، باز چانور چڳي رهيا آهن، جڏهن ٻهرن ٻير ڏنا ته ڪائيندا سين، جڏهن ڏاند ڏڏا ته پيئنداسين، منهنجون ورانگون اڄ به هَرَ پويان آهن، ڏاند ٿڪيا نه آهن ۾ هي جنگهون اڄ به قوم جي امانت آهن.“

هاريءَ جي ڳالهين تي پورو هال تاڙين سان گونجندو رهيو ۾ پوءِ هڪ مزدور پانو هٿ ۾ کڻي اسٽيج تي آيو. هن چيو ”هن پاني سان مون وڏا نٽ سوگها ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر نٽ ايڏا ته ڍلا آهن جو سوگها ٿين ئي ڪونه ٿا. جڏهن ڏس ڪل ٽڙي پئي آهي، پيچ نڪتو پيو آهي. ڦيٿو ٻاهر پيو آهي، دهشتگردن رڙ ٻاري ڏنو آهي. انهن جا ڏند ايڏا ته مضبوط آهن جو اهي اسٽيل چٻاڙي وڃن ٿا

۽ انجڻيون رهڙي ٿا وڃن. منهنجيون سگهاريون ٻانهون ڪم ڪري ٿڪجي چڪيون آهن. منهنجو ٻڪايل پيٽ پنيءَ سان ملي غائب ٿي چڪو آهي. مان دهشتگردن جو ماس پٽي ڪائڻ چاهيان ٿو. ان جي رت سان اڄ اجهائڻ چاهيان ٿو. مان ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ منهنجيون ٻانهون قوم جي امانت آهي.”

مزدور جي جذباتي تقرير تي زوردار تاڙيون وڳيون ۽ هو پانو هٿ ۾ جهلي هوا ۾ ڪنهن انقلابيءَ جيان لهرائيندو هيٺ لٿو ته سڀ ڪان آخر ۾ ڊلين اکين وارو جج مٿي اسٽيج تي آيو ۽ ان چيو “ملڪ مان انصاف موڪلائي ويو آهي. جيڪڏهن انصاف تي عمل ڪيو وڃي ته دهشتگردي پنهنجو موت پاڻ مري ويندي. انتها ته ڏسو انصاف جي حصول لاءِ ججن کي پاڻ مظاهرا ٿا ڪرڻا پون. جيئن اسان جج نه ڏوهاري آهيون. انصاف ملندو ته جج سڏائيندا سين. پرُسال هڪ سپاهيءَ مونکي گريبان کان جهليو ڪاوڙ ڏاڍي آئي ڪجهه ڪري نه سگهيس. هن سال سوچيان ٿو ڪاوڙ ڪرڻ سان ڪو فائدو نه آهي. انصاف جو دارومدار عقل تي آهي. مان دهشتگرديءَ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو ۽ مطالبو ڪيان ٿو ماڻهن کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ دهشتگرديءَ کي ختم ڪيو وڃي. مان مظلومن جي فرياد ٻڌڻ لئي تيار آهيان منهنجا ڪن قوم جي امانت آهن.”

هن جي ڳالهه تي سڀ اٿي بيٺا ۽ تاڙيون وڄائي حوصلا افزائي ڪئي. اڃا هو تاڙيون وڄائي هڪ ٻئي کي ڪامياب ڪانفرنس تي مبارڪون ڏئي رهيا هيا ته ڪو دهشتگرد ڌماڪيدار مادي سان ڀريل ٽرڪ تيزيءَ سان هلائيندو ٻاهريون ڦاٽڪ ٽوڙي اندر داخل ٿيو. ڇت تي بيٺل سپاهين ڪجهه سڌا فائر ڪيا جيڪي گسي ويا. دهشتگرد ٽرڪ هلائيندو ڪانفرنس هال جي مک دروازي سان اچي ٽڪرايو. هڪ وڏو تماڪو ٿيو ۽ هر طرف باهه جا اُلا پڙڪڻ لڳا. ڪانفرنس هال ذرا ذرا ٿي اڏامي ويو ۽ ماڻهن جي جسمن جا حصا هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي ويا. دهشتگرد سميت ٻاونجاهه ماڻهو موت حوالي ٿي ويا. جن ۾ سائنسدان هيا، پروفيسر هيا، ڊاڪٽر هيا، انجنيئر هيا، شاعر هيا، هاري هيا، مزدور هيا ۽ جج هيا. مري ويلن جي جسم جا حصا ائين پيل هيا جيئن انهن کي ڪنهن آريءَ سان ڪٽي الڳ ڪيو هجي. ڄنگهون، ٻانهون، دل، گڙدا، آنڊا گونڊا، نڪ، ڪن، زبانون ۽ ميڄالا هر طرف وکريل هيا. دهشتگرد جو پورو جسم غائب هيو. پري ڌماڪي ۾ ڇٽي ويل وڻ هيٺان هن جي منڍي پيل هئي جنهن جو منهن ڇچريل هيو اکيون ٻاهر نڪتل هيون. ڪن ڪٽيل هيا. زبان ڇڳل هئي ۽ مغز غائب هيو. اهلڪارن دهشتگرد جي منڍيءَ کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ اتي پيل عضون کي ڪنو ڪيو. گهرو وزارت جا آفيسر ٽرٽلي ۾ اچي ويا. وڏو قومي نقصان ٿيو هيو افسوس ۽ اچرج مان سيني کي ڏنڌين آڱريون اچي ويون. هرڪو انتظاميه کي قصور وار ڪوٺڻ لڳو. حڪومت جي نااهليءَ کي ننڌڻ لڳو.

شهر جي سرڪاري پلاسٽڪ سرجن کي هڪ گاڏيءَ ۾ اتي آندو ويو جيئن اهو دهشتگرد جي منڍي ۽ جسم جي الڳ ٿيل حصن کي ملائي ان کي اصل صورت ۾ بحال ڪري. ان کي سڃاڻپ ۾ مدد ملي ۽ اصلي جوابدارن تائين پهچڻ ۾ رهنمائي حاصل ٿي سگهي. پلاسٽڪ سرجن اتي پهچي

دهشتگرد جي منڍيءَ جو جائزو ورتو پوءِ هن جي منهن جي مرمت ڪئي، هن ڏندن جون اڪيون غائب هيون، هن عضون جي ڍير مان ٻه اکيون ڳولهي اندر وڌيون، هن ڏندن جي زبان ڪٽيل هئي، هن عضون جي ڍير مان هڪ زبان ڳولهي اتي ڳنڍي، هن ڏندن جا ڪن ڪونه هيا، هن عضون جي ڍير مان ٻه ڪن ڳولهي اتي هنيا، هن ڏندا اتي مغز ڪونه هيو، هن عضون جي ڍير مان هڪ مغز ڳولهيو ۽ ان کي کوپڙيءَ ۾ وجهي محفوظ ڪيو. جڏهن منڍي هر لحاظ کان تيار ٿي ته هن ڌڙ ٺاهڻ شروع ڪيو. هن ان ۾ دل وڌي، ٻه ٻانهون سبيون ۽ ٽنگون ڳولهي هيٺان هنيون، ٿوري دير ۾ پوري شخص جو جسم ٺهي تيار ٿي ويو، جنهن جي وجود جو ڪو ٻه حصو ڪٽيل نه هيو. پلاسٽڪ سرجن جسم کي فارملن سان ڌوئي ڳرڻ کان محفوظ ڪيو. هڪ فوٽوگرافر ان جي منهن جا مختلف پاسن کان فوٽو ڪڍيا. ٿوري دير ۾ دهشتگرد جي جسم کي اسپتال آندو ويو جيئن پيٿالاجسٽ ان جو ڊي اين اي ٽيسٽ ڪري سڃاڻپ کي محفوظ ڪري سگهي. علائقي جي پوليس آفيسر گهرو وزارت جي هڪ خط سان گڏ دهشتگرد جو جسم پيٿالاجسٽ حوالي ڪيو. خط ۾ اهو لکيل هيو ته ”واقعي واري هنڌ تان حاصل ٿيل دهشتگرد جو جسم ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ اماڻيو وڃي ٿو. توهان ٽيسٽ ڪري ٽن ڏينهن اندر رپورٽ گهرو وزارت جي سيڪريٽريءَ کي موڪليندا ته جيئن دهشتگرد جي سڃاڻ ۾ مدد ملي ۽ معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪري حقيقي ملزمن تائين پهچڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي. رپورٽ موڪلڻ ۾ ڪا به سستي برداشت نه ڪئي ويندي.“

پيٿالاجسٽ خط سان گڏ لاش حاصل ڪري جلدي ڪم شروع ڪيو. هن لاش جي مختلف عضون کي چڪاسيو ۽ ٽيسٽ ڪري هڪ مڪمل رپورٽ ٺاهي ٽن ڏينهن کان پوءِ گهرو وزارت جي سيڪريٽريءَ ڏانهن اماڻي ڏني، اعليٰ آفيسرن جڏهن اها رپورٽ پڙهي ته دنگ رهجي ويا. مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيا ۽ سوچڻ لڳا ته ڇا اهو ممڪن آهي؟ رپورٽ ۾ لکيل هيو.

”گهرو وزارت پاران حاصل ڪيل هڪ لاش جي سڃاڻپ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جيڪا ڊي اين اي ٽيسٽ ڪئي وئي، ان جي نتيجي موجب ان جا هٿ هڪ ڊاڪٽر جا آهن، ان جون ٻانهون هڪ مزدور جون آهن، ان جون ٽنگون هڪ هاريءَ جون آهن، ان جا ڪن هڪ جج جا آهن. ان جون اکيون هڪ انجنيئر جون آهن. ان جو دماغ هڪ سائنسدان جو آهي، ان جي زبان هڪ پروفيسر جي آهي ۽ ان جي دل هڪ شاعر جي آهي.“

•

# سچ ۽ حقيقت

مرشد وٽ مريد جي سوالن جو مناسب جواب نہ هيو مرشد پهتل بندو هيو پر مريد بہ گهٽ نہ هيو. محفل ۾ جڏهن مريد اٿي مرشد کان سوال ڪندو هيو تہ مرشد اهڙو جواب ڏيندو هيو جنهن ۾ مريد لاءِ سوين سوال سمايل هوندا هيا.

"ڇا اهو سچ نہ آهي تہ وقت سچ کي ڪوڙ ثابت ڪري ٿو؟" مريد چوندو هيو ۽ مرشد مرڪندو هيو.

"ها" مرشد جواب ڏيندي چوندو هيو "سچ ڪوڙ ۾ بدلجي وڃي ٿو پر سچ آهي ضرور ڇو جو دنيا قائم آهي."

مريد بحث کي اڳتي وڌائيندو هيو.

"دنيا وقت جو سانحو آهي... حادثو آهي." مريد چوندو هيو "دنيا جڏهن سچ ڳولهيو تہ فنا ٿي ويندي."

هو خاص مريد هيو. محفل ۾ ٻيا مريد هن جيڏي ڄاڻ رکندڙ نہ هيا. انڪري اڪثر چپ ڪري ٻڌندا هيا ۽ هو ٻئي بحث ۾ پئجي ويندا هيا. مريد کي ٻين سمجهايو تہ مرشد سان بحث ڪرڻ عقيدي خلاف آهي. پر مرشد هن کي پاڻ اجازت ڏني هئي تہ هو ڳالهائي ڇو جو هن جي ڳالهين ۾ وزن هيو. مرشد مريد جي بحث مان سوچ وسيع ڪندو هيو.

"هر شيءِ تبديليءَ مان گذرندي آهي." مريد چوندو هيو "حقيقت هر حال ۾ حقيقت نہ آهي، حقيقت وقت سان غير حقيقي ثابت ٿئي ٿي ۽ غير حقيقي وقت سان حقيقي ثابت ٿئي ٿي."

"جيڪڏهن حقيقت نہ هجي." مرشد چيو "تہ اسان جيئرا ڪيئن هجون. اسان جو وجود ان ڳالهہ جي گواهي آهي تہ اسين جيئرا آهيون ۽ اهائي حقيقت آهي."

سوال جو جواب ڏيندي مرشد پنهنجي جواب مان مطمئن نہ هوندو هيو ڇو جو مريد جا سوال منجهائيندڙ هوندا هيا.

"اسان جو جيئرو رهڻ بہ عارضي آهي." مريد چوندو هيو "اڄ آهيون سڀاڻ نہ هونداسين. حقيقت عارضي هجڻ نہ گهرجي. حقيقت کي تڏهن مڃي سگهجي ٿو جڏهن اها ساڳي صورت ۾ برقرار هجي."

مرشد منجهي پيو.

"حقيقت اهائي آهي جيڪا اکين اڳيان نظر اچي ٿي." مرشد جواب ڏيندي چيو "تون، مان، مخلوق ۽ ڪائنات. اها برقرار آهي. سچ جيان سامهون آهي."

مريد نهايت عاجزيءَ مان عرض ڪيو “اها حقيقت نہ آهي، اهو نظر جو دوکو آهي، حقيقت ڪنهن بہ هنڌ آهي، خالق حقيقت آهي، پر نظر نہ ٿو اچي، ضروري نہ آهي تہ حقيقت نظر اچي، سچ ۽ ڪوڙ ساڳي شيءِ جا بہ نالا آهن.”

مرشد مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو سوچيندو رهيو تہ سچ کي ڪيئن ثابت ڪجي، حقيقت کي ڪيئن کولي بيان ڪجي، هو سوچيندو رهيو ۽ مريد ڳالهائيندو رهيو.

“دنيا جا تضاد ان ڳالھ جي گواهي آهن تہ سچ ۽ حقيقت سيني لاءِ ساڳيا نہ آهن. ملڪ ۽ قومون انهن جي وصف تي متفق نہ آهن. هر طرف فساد ۽ فتنو ڦهليو پيو آهي. انسانن جي نظر ۾ خالق جو تصور ساڳيو نہ آهي. خالق پاڻ متضاد آهي ۽ متضاد شيءِ سچ نہ آهي. جيڪڏهن سچ ۽ حقيقت جو وجود هجي تہ دنيا ان تي متفق ٿي امن جو رستو اختيار ڪري پر هر هنڌ تفاوت آهي، سچ صدين کان سفر ڪري بہ سچ نہ ٿي سگهيو آهي ۽ حقيقت ڪٿي ناحق آهي تہ ناحق ڪٿي حقيقت جو روپ ڌاري رائج آهي.”

مرشد صفا چپ ٿي ويو. هن محسوس ڪيو سندس سوچ مڪمل نہ آهي، هن کي وڏيڪ فڪري رياضت جي ضرورت آهي، هو ڪجھ وقت اڪيلائيءَ ۾ ويهي انهن مسئلن تي سوچي تہ پوءِ مريد کي جواب ڏئي مطمئن ڪري سگهندو. هو سوچي ئي رهيو هيو تہ مريد وري عاجزيءَ مان عرض ڪيو.

“قبلا جيڪڏهن سچ ۽ حقيقت جي باري ۾ کولي ٻڌايو تہ من جي مونجھ هلڪي ٿئي، دل تان اهو بار جهڪو ٿئي تہ دنيا ڪوڙ ۽ ڪوڙ ڪانسواءِ ڪجھ نہ آهي، دنيا ۾ سچ ۽ انصاف آهي. حقيقت موجود آهي ۽ ان سِلي ۾ خالق غريب سان انصاف ڪندو. سزا ظالم جو مقدر آهي ۽ مظلوم نجات ماڻيندو.”

مرشد اٿيو ۽ حڪم ڏنو تہ ڏھ فوٽ گهري ۽ ٻارنهن فوٽ ويڪري کڏ کوٽي وڃي، هو ان ۾ ايڪويھ ڏينهن چلو ڪڍي ان مسئلي تي اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچيندو تہ آخر سچ ۽ حقيقت ڇا آهي.”

هن وڏيڪ احڪام ڏيندي چيو تہ “کڏ کي مٿان مڪمل طور بند ڪيو وڃي، سواءِ ساھ لاءِ هڪ سوراخ جي، ڇو جو هو ايڪويھ ڏينهن هوا ڪانسواءِ ڪجھ نہ کائيندو ۽ ڳوڙهن ڪانسواءِ ڪجھ نہ پيئندو. ٿي سگهي ٿو پاڻ تي ڪيل اهڙي سختيءَ جي سِلي ۾ خالق رابطي ۾ اچي ۽ کي ڳجھ جون ڳالهيون ٻڌائي.”

مريدن مرشد جي حڪم تي عمل ڪيو. ڏھ فوٽ گهري ۽ ٻارنهن فوٽ ويڪري کڏ کوٽي وئي، مرشد اندر ويٺو تہ مٿان ڪاٺيون ۽ پترون ڏئي مٿيءَ سان لنبي بند ڪيو ويو. هوا لاءِ هڪ سوراخ رکيو ويو جيئن مرشد ساھ کڻي سگهي. مرشد جي حڪم موجب کو بہ کاڌو خوراڪ يا پاڻي اندر نہ رکيو ويو. مرشد کڏ اندر مراقبي ۾ ويهي رهيو. ٻاهر مريد کڏ چوڌاري ايڪويهن ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳا

۾ سوچڻ لڳا تہ جڏهن مرشد کي ڪڏ ڪوٺي ڪڍيو ويندو تہ اهو ڪين سچ ۾ حقيقت جي باري ۾ ڪولي بيان ڪندو.

خاص مريد مرشد جي اهڙي ڪارنامي تي خوش بہ هيو تہ ڏکي بہ. خوش انڪري هيو تہ ڪيس سچ ۾ حقيقت جي ڄاڻ پوندي ۽ ڏکي انڪري هيو جو هن مرشد کي وڏي امتحان ۾ وجهي ڇڏيو هيو. مرشد تڪليف پنهنجي سِر تي ڪنئي هئي، اڄ ۾ بک تي اهڙي اڪيلائي قبول ڪئي هئي جنهن ۾ جيءَ جو جوکو هيو.

ايڪويهہ ڏينهن پورا ٿيا، سانجهيءَ وقت جڏهن سج غروب ٿي چڪو هيو تہ خاص مريد ٻين مريدن سان ملي ڪڏ ڪوٺي، انهن ڇت تان پترون هٽائي هٽ ڏٺو تہ مرشد بيهوش پيل هيو. سڀ هيٺ لٿا. خاص مريد مرشد کي سڏو ڪري ڪوزي مان پاڻيءَ ڦڙا سندس وات تي رکي منهن تي ڇنڊا هنيا تہ هن اک پٽي، مريد مرشد جي منهن ۾ غور سان ڏٺو. ڪيس لڳو اهو سندس آخري وقت آهي، هو ڪجهہ گهڙين جو مهمان آهي. سوچيائين ان کان اڳ جو مرشد موڪلائي وڃي ڇو نہ پڇي وٺان تہ هن سچ ۾ حقيقت جي باري ۾ ڪهڙي ڄاڻ حاصل ڪئي. اهو سوچي هو مرشد جي ڪن ويجهو آيو ۽ سوال ڪيائين .

“مرشد ڏي خبر. سچ ۾ حقيقت جي باري ۾ ڪا بشارت ٿي؟”

ائين چئي پوءِ ڪن مرشد جي چپن ويجهو آندائين. مرشد تمام هلڪي منجهيل ۽ ٽٽل ڦٽيل لفظن ۾ ڳالهايو جيڪو مريد کي تمام غور سان ٻڌڻ کانپوءِ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. مرشد چيو “سچ... اد... را... ڪ... حقي... قت... جو... ڳا... يو... هي... هو... حقي... قت... ماد... يت... سچ... شعو... ر... ڪم... ڪري... هو... ها... هي... حقي... قت... معرو... فن... نظر... هي... ها... هو... هو... سچ... رنگ... عيا... ن... خاص... يت... آ... هي... هو... ها... ها... ها...”

پوءِ سندس اکيون بند ٿي ويون. سڀني اتاولو ٿي خاص مريد کان پڇيو “مرشد ڇا چيو، ٻڌاءِ مرشد ڇا چيو؟”

مريد ڀوڳهن ڀريل اکيون کڻي جواب ڏنو “مرشد سچ ۾ حقيقت بيان ڪئي، واقعي ئي سچ ۾ حقيقت ائين ئي آهي جو مان بيان ڪري نہ ٿو سگهان.”

●

# ڦاٽڪ وارو

سٽ واري ڏهاڪي ۾ ريل جو ڦاٽڪ وچ شهر کان ٿورو پري نئين ڳوٺ وٽ هيو. ڦاٽڪ ڇا هيو چار در هيا، ٻہ سڄي پاسي، ٻہ کٻي پاسي، وچ تان ريل جي بند جون ٻہ پٽڙيون ائين لنگهينديون هيون جيئن گناهہ ۽ ثواب هڪ ٻئي سان جيئڻ ۽ مرڻ جو قسم کنيو هجي. ڦاٽڪ پرسان پڪسري ڪوٺي هئي جنهن ۾ سنگل جا هٿيا ۽ هڪ ڪٽ پيل هوندي هئي جنهن تي ڦاٽڪ واري کي سمهڻ گهٽ نصيب ٿيندو هيو. ڏينهن رات پٽڙيءَ تي ريلن جي اچ وچ هوندي هئي. مسافر گاڏيون گهٽ، مال گاڏا گهڻا هيا، مسافر گاڏيون ائين لنگهيندون هيون جو خبر نہ پوندي هئي، مال گاڏا ڪٽڻ جو نانءُ نہ وٺندا هيا، آهستي آهستي هلندا هيا ۽ ان ۾ گاڏا ايڏا تہ گهڻا هوندا هيا جو ماڻهو ڳڻي ٿڪجي پوي. ڦاٽڪ بند ٿيندو هيو تہ ٻنهي پاسي ٽريفڪ بند ٿي ويندي هئي. ٽريفڪ ۾ ڪا ورلي ڪار، هڪ ٻہ مسافر بسون نہ تہ ٽانگا، گڏهہ گاڏا ۽ ڏاند گاڏيون جام هوندا هيا.

ڦاٽڪ واري جي عثمان سان دوستي اهڙي تہ گهاٽي هئي جيئن مٽان بيٺل ٻڙ. جنهن جو پن پن کان الڳ نہ هوندو هيو. عثمان پرسان پاڙي ۾ رهندو هيو. ڪيس چُن جو بنو هيو. نئين ڳوٺ وٽ ڪڏهن چُن جا پهاڙ ايڏا هيا جو لڳندو هيو شهر پٿر جو ٺهيل آهي، ڪا بہ عمارت ايڏي ڏکي نہ هوندي هئي، جيڏا چُن جا پهاڙ. عمارتون ڏکيون ٿينديون آهن تہ پهاڙ متجي ويندا آهن.

چُن جو بنو ڦاٽڪ جي ويجهو هجڻ ڪري عثمان سڄو ڏينهن ڦاٽڪ تي وينو هوندو هيو. بني تي مزدور ڪم ڪندا هيا ۽ هو ڦاٽڪ واري سان ويهي ايندڙ ويندڙ گاڏين کي پيو ڏسندو هيو. ڪاريون انجڻيون پري کان دونهون ڇڏينديون ائين ايندڙيون هيون جڻ انهن کي باهہ لڳي هجي ۽ باهہ جي عذاب کان جان ڇڏائڻ لاءِ ڀڪنديون هجن.

عثمان چاڻ سڃاڻ وارو ماڻهو هيو. جڏهن ڪو ٽانگي وارو سواري ساڻ ڪري پريان گهوڙو ڀڪائيندو ايندو هيو ۽ اوچتو ڦاٽڪ بند ٿيندو هيو تہ اهو ڦاٽڪ واري کي عرض ڪندو هيو "ٿورو بيهہ، لنگهي وڃان."

ڦاٽڪ وارو هڪ نہ ٻڌندو هيو. پوءِ ٽانگي وارو اتي بيٺل عثمان کي چوندو هيو "تون چويس، در کولي نہ تہ ڪلاڪ رلي ويندس."

عثمان ڦاٽڪ واري کي چوندو هيو "وڃڻ ڏيس، پنهنجو ماڻهو آهي."

ڦاٽڪ وارو ٽانگي واري تي احسان ڪندي چوندو هيو.

"هيءُ ٿو چوي ڦاٽڪ کوليانءُ ٿو نہ تہ صفا وڃڻ نہ ڏيانءُ."

هو ڦاٽڪ ڪوليندو هيو ۽ ٽانگي واري پويان، ٻہ چار ٻيا ٽانگا، گڏهہ گاڏا ۽ ڏاند گاڏيون لنگهي ويندا هيا.

عثمان ڪڏهن نندپڻ جي دوست ربنواز سان گهمندو هيو تہ فخر محسوس ڪندو هيو. هو ربنواز سان اسڪول ۾ گڏ پڙهيو هيو. عثمان پڙهڻ ۾ ڏڍُ هيو. سدائين ماستر جا موچڙا کائيندو هيو. نڪ مان گوبو وهندو هيس، وار ڪنبريل، ڪلهن تي ٻَڦوءِ جوئان گهمنديون هيس، هڪ لفظ پڙهي نہ سگهيو. استاد جان ڇڏائڻ لاءِ زوريءَ پاسي ڪندا هيس، ان جي ڀيٽ ۾ ربنواز سلڇڻو صاف سٿرو سليقي وارو، پڙهڻ ۾ هوشيار، امتحان ۾ پهريون نمبر ايندو هيو.

دوستيءَ جو سبب پاڙو هيو هڪ ئي پاڙي ۾ رهندا هيا ۽ ڪڏهن شهر ۾ گڏ گهمندا هيا. جڏهن گڏ گهمندا هيا تہ وک وک تي ٽانگي وارا گهوڙي کي ڇهبڪ هڻي هٿ ٻڌي عثمان کي سلام ڪندا هيا.

”سائين بابا جو خير... مولا مدد...“

”بادشاهي جو خير.“

”سائين خادم... نوڪر.“

”مولا خوش رکئي.“

ربنواز محسوس ڪندو هيو عثمان کي سڄو شهر سڃاڻي ٿو. ان جي وڏي عزت آهي.

هن هڪ دفعي عثمان کان پڇيو ”هڪ ڳالهہ چوانءِ ناراض تہ نہ ٿيندين؟“

”پڇ“ عثمان علي چيو ”ڪهڙي“

”شهر ۾ سڀ توکي سڃاڻين ٿا، آخر ڇو؟“

عثمان کليو ۽ جواب ڏنائين.

”اهو هڪ راز آهي.“

پر ربنواز کي خبر هئي، هن کي ڦاٽڪ وارو سڃاڻي ۽ جنهن کي ڦاٽڪ وارو سڃاڻي ان کي سڀ سڃاڻيندا آهن.

•

# نفرت جي ڏينهن ۾ پيار!

مون کي ڪا ڄاڻ نہ هئي، مون سان پيار ڪري ٿي يا نہ. پر اها پڪ هئي تہ سندس من ۾ مون لاءِ نفرت نہ آهي. ڪنهن وقت بہ اظهار ڪري پئي سگهي. مون کي چاهي ٿي يا اهڙو دوست سمجهي ٿي جيئن ڪاڏي جي ٽيبل تي رکيل سلاد ڪا موري، ڪيرو يا ڳاڙهي گجر.

اڄ هن وقت تہ ڏنو هيو پر حالتون خراب هيون، خراب تہ ڇا ڏاڍيون خراب هيون. شهر جهنگ ۾ لڳل باهہ جيان سڙي رهيو هيون. رات چار عمارتون ساڙيون ويون. ٽي هوٽل هڪ پوليس اسٽيشن. پنجن بسن ۽ ٻارهن موٽرسائيڪلن کي باهہ ڏني وئي. پنج ماڻهو ماريا ويا ۽ ٻاويهہ زخمي ٿيا. صبح سان شهر روان دوان هيو ساڳيون گاڏيون، ساڳيا ماڻهو ۽ جاڳندڙ عمارتون. رات جيڪي ٿيو سيني کي ڄاڻ هئي، ڪنهن سان تذڪري جي ضرورت نہ هئي. ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي، ائين ٿيندو رهندو آهي. منهنجي سهڻي تون ڪڏهن اظهار ڪندين؟ جڏهن مان ڌرتيءَ تي نہ هوندس؟ ڪنهن ٽارگيٽ ڪلر جو نشانو بڻجي ويندس؟ يا نسلي تنظيم جي ڪارڪنن هٿان زخمي ٿي تنهنجي در تي پهچندس؟

اڄ تون وقت تہ ڏنو آهي پر منهنجي لاءِ وقت خراب نہ آهي. خبر آهي جنهن پارڪ ۾ توسان ملڻو آهي اهو سمنڊ ڪناري شهيد راڻيءَ سان منسوب ٿيل آهي. ان پارڪ اندر هر حالت ۾ گل ٽڙن ٿا. ڪرفيو هجي، ٽارگيٽ ڪلنگ هجي، هڙتال هجي يا رستا بند هجن. اتي ولائتي گلابن جي ڏانڊين جا گُل ڪڏهن نہ ٿا ڪومائجن. گيندي جا گُل موسمن جي معيار تي رنگ نہ ٿا بدلائين ۽ دائودي‌ءَ جا واڱڻائي گل ڪڏهن نارنگي نہ ٿا ٿين. مان اتي ايندس ۽ ان گل مهري هيٺان تنهنجو انتظار ڪندس جنهن جي پڪ ۾ املتاس جون پيلي رنگ جون لڙيون شرم انگيز چمڪڻين ۾ تبديل ٿي هوا ۾ لڙڪن ٿيون. ڪا خبر نہ آهي هاڻي جڏهن توکي ياد ڪيان ٿو تون بہ ياد ڪندين هوندينءَ الاءِ نہ؟ شايد تو ناشتو ڪيو هجي ۽ هڏڪيءَ ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ ٿڌي پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪئي هجي پر اهو ضرور سوچجانءِ تہ مان توکي ياد ڪيو آهي.

مونکي ڪا خبر نہ آهي تہ هن سان ڪهڙو رشتو آهي. هڪ محبوب جو؟ پل نہ هجي پر پاڻ کي هن جو عاشق سمجهان ٿو. ٿي سگهي ٿو هن اهڙي عشق جي اظهار لاءِ سڏايو هجي يا ڪتي جواب لاءِ تہ هن جي شادي سوٽ سان ٿي رهي آهي، هو اهڙي اميد نہ رکي ۽ وقت گذارڻ لاءِ هڪ وفادار دوست جي صورت ۾ سندس ڏک ونڊائيندو رهي.

منهنجا وسوسا، منهنجا خدشا، منهنجي مايوسي، دل ۾ دڪندڙ انديشن کان جهڪي ويل ڪلها، همت ڇڏائي ويل جسم، خوف کان ڌڙڪندڙ دل، نااميديءَ کان لڙڪڙائيندڙ قدم، اڙي شهر جون حالتون.

شهر روان دوان هلندڙ بس، وچين سيٽ تي ويٺل منهنجو نپل ڏرو وجود، وسوسن جو طوفان، ٻاهر ٽارگيٽ ڪلنگ، منهنجي گهر کان سمنڊ ڪناري اهو پارڪ ويهه ڪلوميٽر هيو. لوڪل بس هلي پئي رڪي پئي، هر قدم تي ماڻهو لٿا پئي، چڙهيا پئي، ماڻهو چپ، پٿر جا ماڻهو لوهه جا ماڻهو ڪپهه جا ماڻهو ڪاٺ جا ماڻهو سيمينٽ جي بلاڪن مان ٺهيل پلستر ماڻهو واڻ مان اٽيل، ٻاهه دونهي ٻاڦ جا ماڻهو اجنبي ڏارين اکين سان ڏسندڙ ماڻهو زخم جيان سبيل چپن جا ماڻهو مون دريءَ کان ٻاهر ڏٺو روڊ پوئتي ڊڪي رهيو هيو. درين جا پڳل شيشا هوا کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هيا. شهر جي هر شيءِ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ مري چڪي هئي، روڊ، رستا، جايون جن ۾ ڪا چرپر نه هئي، ماڻهو ڪلهن تي جيئرا لاش ڍوئي رهيا هيا. خوف جون ڦاٽل اکيون ڪنهن اڻ سڃاتل گوليءَ جي انتظار ۾ هيون.

بس صفورا چورنگيءَ وٽ پهتي، مايوس مزدورن جا ولر پڙيءَ تي پريشان، واڍا، رنگ ساز اوستا، ٽيڪم، بيلچا، تگاريون، برش، ڊٻا، ڦڙڪي تي ڇاپيل رنگ، رندا، ڪارايون، هٿوڙا، سپ ڪم بند، **موسميات چورنگي**، پاروٿيون سبزيون ننڍا دڪان، صوف ساوا ڪچا، زيتونن جي بوءِ، سڙندڙ ڪچرو، ڪيلا ننڍا ڇڻ ڪٽيل هٿ آڱريون، صندل تي رکيل مڇيون، اکيون ڪليل، وات پٽيل، ڪهاڙيءَ تي ويٺل مکيون، سگريٽ جا ڪش هٽندڙ مهاڻو، **نيپا چورنگي**، قطار ۾ بيٺل ڪنٽريڪٽ ملازمن جون بسون، چنگچيون، ڇڻ مينهن جي موسم ۾ ٽپا ڏيندڙ ڏيڏر، مڪئيءَ جا داڻا واريءَ ۾ وجهي لوهانڊي ۾ سيڪيندڙ پناڻ ڇوڪرو، ٻرندڙ ڪاٺين مان اڀرندڙ دونهو قلي جيان ڦاٽل منهن، **بيت الڪرم** مسجد، ناريلن جا وڻ، لڙڪندڙ ٻمر ڊجي داخل ٿيندڙ نمازي، پيڏين کان مٿي شلوارون، ڏڪندڙ پير، **ممتاز منزل**، عينڪ جو دڪان، شوڪيس ۾ رکيل عينڪون، رنگبرنگي، فريم بي رنگ شيشا، عينڪ جي شيشن مان روڊ ڏي ڏسندڙ ٻه اداس اکيون، عينڪون اکين جي انتظار ۾. **حسن اسڪوائر**، بس اسٽاپ تي چار شخص، نيلامي ٿاءِ پائي بيٺل اڌ وهيءَ جو سرڪاري ملازم، منهن تي خدشا، مٿي جي پاسن کان پريشان وار، گهر کان واندو گريجيوئيٽ ۽ ڏيءَ کي ڇڏڻ آيل ماءُ. منهن جي گهنجن مان لڳو پئي ڄڻ اها سندس الوداعي موڪلائي هجي. **نيو ٽائون**، سوڙهو رستو هڪ ٻئي کي اور ٽيڪ ڪندڙ ٻه ايمبولنسون، هڪ ڊرائيور مائيڪ ۾ چيو.

"پري هٽ رستو ڏي منهنجو مريض وڏيڪ خطري ۾ آهي."

ٻئي ايڪسيلريٽر زور ڏنو ۽ ان کان اڳتي نڪري ويو **جيل چورنگي**، جيل جي ٿلهي ڀت ٽارگيٽ ڪلنگ کان محفوظ. بس پرسان لنگهيندڙ موٽرسائيڪل، هيلمٽ پائي ويٺل شخص پويان سنهن سوراخن واري ٽوپي پائي ويٺل ننڍي قد وارو شخص، وچ ۾ جهليل پراٽي سڙيل تي وي، **بهادر آباد**، مناٽيءَ جي دوڪان ٻاهران ڪڙهائيءَ ۾ مئل مکيون، ڪپڙي جي دڪان تي ويٺل ميري پينٽ وارو شخص، هوٽل ٻاهران چرغن مان ايندڙ ڪيڪڙن جي بوءِ، هڪ بنگلي ٻاهران پٽ جو انتظار ڪندڙ ماءُ، دعائون ماءُ جي هٿن تي اٽي جيان چنبڙيل آهن. **ٽيپو سلطان روڊ**، وڳوڙ ٽائرن کي ٻاهيون، جنازو،

جنازي تي رت جهڙا گلاب، رستو بند، منجهيل ٽريفڪ، بس موڙ ڪاٽيندي ائين ڀڳي، جيئن ڀوپان ماچيس جي تيلي هوا ۾ اڏامندي پئي آئي.

**شاهراهه فيصل**، ڀرسان لنگهيندڙ رڪشو ۾ عورتون، هڪ ڏيءَ ٻي ماءُ، رئي ۾ ويڙهيل، ماءُ جي چپن تي قرآني آيتون، **ٽين تلوار** نرسري ڪومايل گُل، پيلاپڻ، ڪونڊين ۾ پيل ٿوهر، ڪنڊن ۾ ڦاٿل گل، سڪل مٽي، اس ۾ پيل پاڻ، **باربيڪيو** ٽانڊن تي ٻوٽيون، گهاٽي رس چڙهي ٽريفڪ، دروازي تي اداس ڪشميري بيرا، سمنڊ ڪنارو شهيد راڻي پارڪ.

بس مان لٿس ته هوا ۾ سڪل پن اڏامي رهيا هيا.

ڪو به ڪونه هيو. سوچيم هوءَ پلا چو ايندي، گل مهري جو وڻ گلن بنا اگهاڙو لڳي رهيو هيو. ڏاڍو ٻي شرم هيو املتاس، وينس ۾ هڪ گهڙي، ٻي گهڙي، ٽين گهڙي، چوٿين گهڙي، پنجين گهڙي جي آخري ڪناري تي هوءَ چولين هٽندي آئي، منهنجا سپ وسوسا، خدشا، بدگمانيون، سمنڊ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا، هن ڪي ڏسي اٿيس، هوءَ ويجهو اچي ويهي رهي.

”سوچيو هيم شايد نه ايندينءَ“ مون چيو.

”ڪيئن نه ايندس چوجو يقين هيو تون ضرور ايندين“ هن چيو.

ٿوري دير لاءِ ٻئي چپ، مون ٻي ڏياڻيءَ ۾ هيٺ چٻر ڪي ڏنو وڻ جي ٿڙ تان نظرون مٽي پنن تي پيون، اتان شرميلي ڪوئل اڏامي وئي، هن جي من ۾ آنڌ مانڌ، سوچن ۾ وچڙيل، مون اڳ ڪيس ائين نه ڏٺو هيو شايد ڪا ڳالهه من ۾ لڪائي ڪٽي آئي هئي.

”شهر خوف جي طوفان ۾ ويڙهيل آهي.“ هن چيو.

”ها“ مون ٿڌو ساهه ڀريندي چيو ”منهنجي اندر جهڙو خوف جيڪو ان وسوسي ڪان پيدا ٿي چڪو آهي ته متان انڪار نه ڪرين.“

هوءَ ذري گهٽ ناراض ٿي وئي.

”ائين نه سوچيندو ڪر“ هن چيو ”دشمنيءَ جي دور ۾ اسان ٻئي دوست آهيون.“

مان مايوس ٿي ويس، هن جي منهن تي مرڪ هئي.

”پر پيار؟“ مون پڇيو ”تنهنجون قربتون، ويجهڙايون؟“

”ايڏو جذباتي نه ٿيءُ“ هن چيو ”وقت جو انتظار ڪر، حالتون صحيح نه آهن.“

پريان سمنڊ جي چولين جو آواز بڪايل شينهن جي گاج جهڙو هيو، مان چپ ٿي ويس، سوچڻ لڳس، شايد هوءَ وقت گذارڻ آئي آهي. سندس من اجان پيار ڪان خالي آهي، مون وري چيو.

”پياري تو بنا ائين مري ويندس، جيئن ڪٽي پهاڙيءَ وٽ ڪرفيو ٽوڙيندڙ شخص“

هوءَ ويجهو آئي وات تي هٿ رکيائين.

”ائين نه چئُ“ اڪيلي ٿي ويندس“

منهنجي من ۾ پيار اڇل ڏني، مون هن جو هٿ وات تان هٽائي هٿن ۾ ورتو. ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ڪيائين.

سندس ساهہ تيز ٿي ويا. مون اندر ۾ طوفان محسوس ڪيو.

”تنهنجيون اکيلائيون دور ڪندس“ مون چيو ”توسان ساڻ هوندس.“

وڏيڪ ويجهو اچي وئي مون دل ۾ سندس دل جو آواز ٻڌو. جيڪو صفا سمجهہ ۾ نہ آيو. ٻئي چپ هياسين. پريان شايد سلطان آباد جي علائقي مان دونهون بلند ٿي رهيو هيو. ٻہ فائر ٿيا اٽڪل چاليهہ ڪبوترن جو ولر تاهہ ڪائي اڏاميو مٿان لنگهيو مون ڏٺو سڀ ڪبوتر ڪارا نہ هيا. ڪجهہ اڇا بہ هيا. هن جي رئي جهڙا جيڪو هلڪي هوا ۾ منهن جي منهن پرسان لهرائي رهيو هيو. هن کي اڳ ڪڏهن مون ايڏو ويجهو نہ محسوس ڪيو هيو.

”پياري“ مون التجا ڪئي ”تنهنجي پيار جي اظهار جا ٻہ لفظ گهرجن“

هن ڪنڌ کڻي منهنجين اکين ۾ ڏٺو هن جي اکين ۾ پيار جو سمنڊ هيو.

”ها“ هن چيو ”توسان پيار ڪيان ٿي.“

منهنجي دل شهيد راڻي پارڪ جيڏي وسيع ٿي وئي، من ۾ وڻ پوکيل هيا. بينچون رکيل هيون. هر بينچ تي هوءَ وينل هئي ۽ چپن تي پيار جي لافاني مرڪ هئي. جيڪا مون لاءِ هئي.

هن جي پيار جو اظهار، من سرور ۾ ويڙهجي ويو سلطان آباد وٽ دونهون وسامي ويو. ڪبوترن جو ولر واپس وري ويو. ملڻ جو واعدو ڪري موڪلايائين. اکين ۾ لڙڪ هيا چپن تي مرڪ هئي.

”پنهنجو خيال ڪجانءِ، خدا حافظ“ هن چيو. مون چيو.

بس هلي ماڻهو چپ هيا، سامهون عورت جي هنج ۾ ٻار مرکي رهيو هيو.**باربيڪيو** ٿانڊن تي ٻوٽيون، چتي بڪ، دروازي تي خوشمزاج ڪشميري بيرا، **تين تلوار**، نرسري، ٽڙيل گل، ساوا پن، ڪونڊين ۾ پيل منفرد ٿوهر، سگهارو ياڻ، پائيپ سان پاڻي ڏيندڙ مالهي، **شاهراهہ فيصل**، پرسان لنگهيندڙ رڪشو وينل هڪ ڏيءَ ٻي ماءُ، ماءُ رئي ۾ ويڙهيل، ڏيءَ وارن ۾ ڳاڙهو ٻڪل، ڪنن ۾ هيڊ فون، چپن تي گانا، **ٽيپو سلطان روڊ**، وسائيل ٽائر، لڳل طنبو ماڻهن جو هجوم، شاديءَ جي دعوت، **بهادر آباد**، منائيءَ جو دوڪان، ڪڙهائيءَ ۾ جليبي، ڪپڙن جو دوڪان وينل خوشپوش شخص، هوٽل، ٻاهران لڙڪندڙ ذائقيدار چرغا، هڪ بنگلي ٻاهران پٽ جو آڌرياءُ ڪندڙ ماءُ ”دعائون سٽيي مانيءَ جيان ٻڪ ۾ پيل، **جيل چورنگي**، جيل جي ٿلهي پٽ، حفاظت جو احساس، بس پرسان لنگهيندڙ موٽرسائيڪل، هيلمٽ پائي وينل شخص، پوپان سنهن سوراخن واري ٽوپي پائي وينل ننڍي قدر وارو شخص وچ ۾ رکيل منائيءَ جي پيتي، نيو ٽائون، خالي رستو، خاموش بيٺل ايمبولنسون، **حسن اسڪوائر**، نظر ايندڙ چار شخص، نيلامي ٽاءِ پاڻي ڊيوٽيءَ تان موٽندڙ سرڪاري ملازم، منهن تي سرهاڻ نجات جو احساس، شڪراني جا تاثر، سونف سپاري ڪائيندڙ واندو گريجيوئيٽ، واپس ايندڙ ڏيءَ کي گهر وٺي ويندڙ پرمسرت ماءُ، **ممتاز منزل**، عينڪن جو دڪان، شوڪيس ۾ رکيل عينڪون،

رنگبرنگي فريم، پرنور شيشا، عينڪ جي شيشن مان روڊ ڏي ڏسندڙ ٻه نيريون اکيون، سپنن ۾ سمهيل عينڪون، **بيت المڪرم**، مسجد، ناريلن جا وڻ، اچي ڏونگهي، خوشبودار پاڻي، مسجد مان نڪرندڙ مطمئن نمازي، پيڏين ڪان مٿي سلوارون، ڏوتل پير، **نيپا چورنگي**، گهر ويندڙ ملازمن سان پريل ڪنٽريڪٽ بسون، روڊ تي رونق ڪري بيٺل چنگچيون مڪئيءَ جا داڻا واريءَ ۾ وجهي لوهانڊي ۾ سيڪي پاڻ ڪائي خوش ٿيندڙ پناڻ چوڪرو، ٻرندڙ ڪائين سان اپرندڙ دونهي ۾ بيدمشڪ جي بوءِ، **موسميات چورنگي**، گاڏا، تازيون سبزيون، ڪشادا دڪان، صوف سوادي، ذائيقيدار زيتون، سڙي ويل ڪچرو، ڪيلا ڏگها، پرينءَ جا هٿ آڱريون، صندل تي رکيل مچيون، ڪهاڙيءَ سان چليندڙ مهاڻو بيٺل گراهڪ، **صفوران چورنگي**، مزدورن جا ولر، واڍا، رنگساز اوستا، ٽيڪم، بيلچا تگاريون، برش، دٻا، ڦڙڪي تي چاپيل رنگ، رندا، ڪارايون، هٿوڙا، سپ ڪڍ، اڳيان ڪم تي وٺي ويندڙ شخص **منهنجي منزل، تنهنجو پيار.**

●

# وسري ويل ڪهاڻي

انسان جو هر عمل ان جي دماغ ڪي جيئرو رکڻ هوندو آهي، هو دراصل پوڙهو نہ ٿيو هيو پر زندگيءَ ۾ تجربن جي آڌار تي جڻ پوڙهاپ جي حدن ڪي وڃي پهتو هيو. دماغ ۾ ايڏا تہ گهنج آهن جو پوڙهي انسان جي چمڙيءَ ۾ بہ نہ.

اها اجا ڪلهہ جي ڳالهہ آهي ڪجهہ لکندي ڪا ڳالهہ هن جي دماغ ۾ وڄ جيان چمڪي وسامي وئي، ٻئي ڏينهن هن ياد ڪيو پر اها ڳالهہ هن جي پوڙهي دماغ مان هميشہ لاءِ نڪري چڪي هئي. هو دماغ جي سطح تي ڇولين جيان بلند ٿيندڙ ۽ اڀرندڙ خيال اڪثر پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکي قيد ڪري ڇڏيندو هيو پر هن ان ناياب ڪهاڻيءَ جي خيال ڪي سني طريقي سان ياد ڪري اهو سوچي نوٽ نہ ڪيو جو هن اهو ترت لکڻ پئي چاهيو پر افسوس اهو خيال ڪنهن لهندڙ وير جيان ويندي سپ پيرا ڊاهي ويو. هن ڪي هاڻي اهو خيال ذهن جي ڪنهن بہ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ڪٿي ڪنهن اڻاٽڪي انسان جيان ويندل نظر نہ آيو.

زندگيءَ جي تجربن هن ڪي پوڙهو ڪري ديوانگيءَ جي حد تي پهچائي ڇڏيو هيو. هن ڪيترا دفعا محسوس ڪيو تہ دنيا جي هر شيءِ آڏين ترشين لڪيرن ۾ تبديل ٿي ڍهندي پئي وڃي، ماڻهن جون شڪليون اجنبين ۾ تبديل ٿينديون پيون وڃن.

شايد دنيا ۾ ڏک ۽ روئڻ اهڙيون شيون آهن، جنهن ڪي ياد ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي اهي انسان جي اڪين جو حصو آهن ۽ هن جون اکيون بہ ڳوڙهن سان پرجي ويون. هن سوچيو جيڪر هو ان ناياب ڪهاڻيءَ جي پلاٽ تي ان وقت لکي محفوظ ڪري ها! اهو عظيم تصور جنهن جهڙو پهريون ڪڏهن بہ هن جي دماغ ۾ نہ آيو. هو ان موضوع تي ايترو تہ گهرائيءَ مان لکي پئي سگهيو جو اهو هن ڪي دنيا ۾ امر بڻائي سندس مان مٿانهون ڪري ها. هوئنئن تہ راهن تي هلندي ڪيترائي خيال ۽ تصور هن جي دماغ ۾ اڀرندا ۽ لهندا هيا پر شايد اهي اهڙا اهم نہ هيا جهڙو اهو خيال اهم هيو جيڪو هو هاڻي وساري وينو هيو.

اهو سوچي تہ من اهو خيال وري هن وٽ واپس اچي هو ڪجهہ پنا ۽ پين ڪڻي اهڙي هنڌ اچي وينو جتي ويراني ۽ سانت هئي، پوءِ هن ان وسري ويل خيال ڪي وري ياد ڪرڻ شروع ڪيو. هن دماغ تي زور ڏنو ۽ سوچيو شايد اهو عظيم تصور ان چانڊوڪيءَ رات جو هيو جن ڏينهن هو عشق ۾ مبتلا هيو. تنهن رات هن چنڊ ڪي ڏسي ڪو نظم پئي لکڻ چاهيو. اها پاڻيءَ جي مند ۽ اونهاري جا ڏينهن هيا. جڏهن پوکن ۾ پاڻي بيٺل هوندو آهي ۽ سارين جا سِلا گرم هوا ۾ موسمي بخار جي مريضن جيان ڏڪندا آهن. اهو هن جي هائوس جاب وارو وقت هيو جڏهن اڌ رات جو هو اسپتال مان نڪري هاسٽل

وڃي رهيو هيو. هاسٽل اتان ڏيڍ ڪلوميٽر پري هئي، تن ڏينهن اجان اهو روڊ پڪو نه ٿيو هيو ۽ نانگ اتي وڪڙ هڻي ائين گهمندا هيا جيئن اهي وڪڙ ڪنهن جي ياد جيان هن جي ذهن جي گهرائين مان ڪڙُ ڪڍندا هجن. چوڏهينءَ جو چنڊ آڪاش ۾ نروار هيو پر هو ڪنڌ ڪڍي مٿي چنڊ ڪي نه پئي ڏسي سگهيو. اتي وڪ وڪ تي نانگ گهمي رهيا هيا.

ان رات هن کي افسوس ٿيو هيو ڇو جو هو چنڊ تي نظم نه لکي سگهيو هيو. پنهنجي عاشقيءَ وارا ڏينهن ياد ڪري هن ٽڏو ساهه کنيو. ها بيشڪ عشق، محبت، پيار، ادب، شاعري، خوف ۽ محرومي دنيا جا وڏا موضوع آهن. هن سوچيو پر اهو ڪو بيو موضوع هيو جنهن کي هو وساري وينو آهي.

پوءِ هن کي رات جو پنهنجي هڪ اديب دوست سان گڏ ڪاٽل اها ماني ياد آئي، جيڪا هڪ يادگار ماني هئي، هو ٻئي ڪائي رهيا هئا ۽ ڳالهائي رهيا هيا. هنن جي ڳالهين جو موضوع انهن جا اهي وڇڙي ويل دوست هيا جيڪي سڀ جوانيءَ ۾ غير فطري موت حوالي ٿي ويا هيا.

"ها... هو ڪينسر جو ڪاچ ٿي ويو." هن جو دوست وڏي ڏک مان ٻڌائي رهيو هيو.

"۽ هو... هو سلهه جي ور چڙهي ويو."

ٿوري وقفي ڪانپوءِ گرهه چٻاڙيندي ٻنهي مان هڪ ڳالهايو.

"۽ هو... هو وڏيري جي بندوقن مان نڪتل گولين حوالي ٿي ويو."

هو وڏي افسوس مان انهن کي ياد ڪندا رهيا.

"هائو دوست زندگيءَ جي تند ڏاڍي سنهي ۽ تيز آهي، وڍي ٿي ۽ ڇڏندي دير ئي نه ٿي ڪري."

پوءِ هن جي دوست چيو "ڪهڙي خبر هيءَ گرهه جيڪو هٿ ۾ آهي توسان گڏ چٻاڙيل زندگيءَ جو آخري گرهه هجي."

ٿوري دير ڪانپوءِ هنن موڪلايو هڪ هفتي ڪانپوءِ هن کي خبر پئي سندس اهو دوست دل جي دوري سبب فوت ٿي چڪو آهي.

هو پنهنجي ان اديب دوست کي ياد ڪري اداس ٿي ويو ۽ پوءِ سوچيو. بيشڪ ياري دوستي، غربت بيماريون، ظلم ۽ موت زندگيءَ سان لاڳاپيل اهم موضوع آهن. پر هن ڪا ٻئي ڳالهه لکڻ پئي چاهي جيڪا هو وساري وينو آهي.

هن وري ياد ڪرڻ شروع ڪيو. هن دماغ تي زور ڏئي سوچيو. شايد اهو عظيم تصور انهن ڪمانين جيان وڪڙ ڪاڏل ويڪرن دروازن واري ٻئريج پرسان نهيل ان ڪڪائين ڳوٺ ۾ رهندڙ باگڙين جي باري ۾ هيو جتي ڪنهن زماني ۾ هن جي اسپتال هئي.

ڪجهه يادگيريون ٻڌنديون ترنديون اکين اڳيان ايري آيس. هڪ ٿرماميٽر جيڪو سيءَ ۽ بخار کان ٿڙڪندڙ ان باگڙيءَ جي وات ۾ ويو ۽ جڏهن ڪجهه دير ڪانپوءِ هن واپس ڪڍيو ته ان جو پويون پاري وارو حصو غائب هيو. هو حيران ٿي ويو.

”مون ٽرماميٽر تہ تنهنجي وات ۾ ثابت وڏو هن جو پوپٽ حصو ڪيڏانهن ويو؟ هن باگڙيءَ کي چيو.

”سائين رب جو قسم آ... مان ڪجهہ نہ ڪيو اهو ائين ئي هيو جيئن آهي.“

هو واٽڙن جيان ڪڏهن ٽرماميٽر کي تہ ڪڏهن باگڙيءَ کي ڏسندو رهيو.

”بابا سچ ٻڌاءِ.. پئسا نہ ڀرائيندو مانءِ، هن جو پوپٽ حصو ڪاڏي ويو؟“

باگڙي صفا ڳالهہ ئي نہ مڃي، جڏهن هن سمجهائيس تہ جيڪڏهن اهو هن جي پيٽ ۾ بنا علاج جي پيو هوندو تہ ڪيس جان جو جوکو سمجهڻ گهرجي، تڏهن باگڙيءَ سچي ڪئي تہ ”ها سائين برابر وات ۾ وجهڻ مهل غلطيءَ سان ان تي ڏند اچي ويو. هو ڀڳل حصو اهو سوچي اڳري ويو تہ متان ان جا پئسا نہ ڀرڻا پون.“

ان مسڪين باگڙيءَ جي ڳالهہ ياد ڪري هن ڪلي ڏنو ها غربت ۽ جهالت هڪ وڏو موضوع آهي، پر اهو ڪو بيو عظيم خيال هيو جنهن جيڪو هن کان وسري چڪو آهي.

پوءِ هن کي پنهنجو اهو دوست ياد آيو جيڪو هڪ حادثي ۾ فوت ٿي چڪو هيو. هن جو پاٽرن جهڙو عزيز دوست جيڪو هن کي هميشہ نصيحت ڪندو هيو تہ ”گهر کان ٻاهر نڪرڻ مهل سڃاڻپ ڪارڊ کيسي ۾ ضرور رکندو ڪر.“

هن جو اهو دوست هڪ ڏينهن ڪراچيءَ جو روڊ ٽپندي حادثي جو شڪار ٿي ٿڏي تي فوت ٿي ويو. هن جو لاش لاوارث روڊ جي هڪ پاسي گهڻي دير پيو رهيو چو جو ڪو شاهينگ مرڻ ڪانپوءِ هن جي کيسي ۾ رکيل پرس سڃاڻپ ڪارڊ سميت ڪڍي هليو ويو هيو. هو پنهنجي مرحوم دوست کي ياد ڪري ڏاڍو رُنو چو جو هو هن جي ننڍپڻ جو ساٿي ۽ ڪراچي جهڙي ظالم شهر ۾ واحد ماڻهو هيو جنهن سان هو دل جا حال ونڊي ذهن جو بار هلڪو ڪندو هيو.

هن سوچيو واقعي زندگيءَ جا حادثا، ڏک، درد ۽ غير انساني سلوڪ وڏا موضوع آهن، پر اهو ڪو بيو لازوال آفاقي موضوع هيو جيڪو هن جي ذهن مان نڪري چڪو آهي.

پوءِ هو هڪ دفعو وري خيالن ۾ گم ٿي ويو. تن ڏينهن هو ميڊيڪل ڪاليج ۾ استاد هيو. ان شعبي جي ميوزم ۾ انساني جسمن جا ڪٽيل حصا فارملن سان ڀريل شيشي جي وڏن سلنڊرن ۾ رکيل هوندا هيا. اتي هڪ وڍيل انساني منڍي شيشي جي هڪ وڏي جار ۾ رکيل هوندي هئي، هو جڏهن بہ ان جار ڀرسان اچي بيهندو هيو تہ هن کي ان اندر رکيل منڍي ائين محسوس ٿيندي هئي جيئن اها پاڻيءَ اندر ترندڙ ڪنهن جيئري شخص جي حيرت مان هن ڏانهن ڏسندڙ شڪل هجي. ان جون اکيون حد کان وڌيڪ کليل هونديون هيون جن ۾ هزارين سوال ڳوڙهن جيان اٽڪيل هوندا هيا. گول ويڪرو وات ۽ نرڙ جا گهنج سڀ ملي هڪ درد ناڪ احساس پيدا ڪندا هيا. اهو هڪ نوجوان جو چهرو هيو جيڪو فارملن جي ڪيميڪل ۾ محفوظ ٿي ويو هيو. ڪيترائي سوال، ڪئي ڳجهارتون ۽ حيرانگي اتي برف جيان ڄميل هيون. آخر اهو نوجوان ڪير هيو؟ ان جي موت جا ڪهڙا ڪارڻ هيا؟ اهو سوچي

هڪ ڏينهن هن رجسٽر ۾ داخل انهن ٻيڊ ٻاڊين جي وصوليءَ وارين تاريخن تي نظر ڊوڙائڻ شروع ڪئي. ٽي سال اڳ هڪ نوجوان ناري ۽ ڇوڪري جي لاوارث لاشن ڪي سول اسپتال جي سرد خالي مان وصول ڪيو ويو هيو جيئن انهن لاشن جي چير ڦاڙ ڪري ايناٽاميءَ جا شاگرد ڄاڻ حاصل ڪري سگهن هن ٻئي ڏينهن سول اسپتال وڃي ان ساڳي تاريخ ۾ جڏهن رجسٽر جاچيو ته اهي ٻئي لاش پوليس ان شهر جي هڪ پرواري ڳوٺ مان هٿ ڪيا هيا. هو جڏهن ان ڳوٺ جي ماڻهن سان مليو ته ڪنهن به ان راز تان پردو نه ڪنيو ته آخر انهن جي موت جا ڪهڙا سبب هيا. هر ڪو ماڻهو ڊنل هيو ۽ هن ڪي حقيقت جي ڪا به پروڙ پئجي نه سگهي. هو جڏهن واپس موٽيو ته ان ڪٽيل منڊيءَ اڳيان ٻيهندي هن محسوس ڪيو جيئن اها منڊي هن جي پنهنجي هجي. ڇو جو هن جي اکين ۾ به ساڳيا سوال هيا جيڪي ان ڪيميڪل اندر پيل منڊيءَ جي اکين ۾. هن سوچيو بيشڪ ظلم ۽ جبر وڏا موضوع آهن پر اهو ڪو وڏو موضوع هيو جيڪو هن ڪي ياد نه رهيو آهي.

اهو سوچي هن وري ياد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪن گهرن خيالن ۾ گم ٿي ويو. هن تصور ۾ مزدورن جو اهو ڳوٺ ڏٺو جيڪو شهر ڪان ٻاهر ان وڏي ۽ ويڪري روڊ ڪان اندر ويندڙ ڪچي رستي وٽ هيو. جنهن ۾ سوين مزدور سوڙهين گهٽين اندر ڪچين پڪين وارن گهرن ۾ لاتعداد ڪارن ٻارن واري لشڪر سميت سٽيا پيا هوندا هيا. ان ڳوٺ جا رهواسي ويهارو سال اڳ مسلمان ٿيا هيا. ان ڪان اڳ اهو ڳوٺ ڀيلن جي ڳوٺ سان مشهور هوندو هيو. مولوي نذير نالي ڪنهن بزرگ انهن ڪي مشرف به اسلام ڪيو ۽ پوءِ اتان جي ننڍن وڏن ڪيترا ڏينهن ڳاڙهيون گوڏيون ٻڌيون. انهن واعدو ڪيو ته اهي مستقبل ۾ دين تي پورو عمل ڪندي روزي نماز جي پابندي ڪندا ۽ ڪڏهن به ڳوهون ۽ ڏيڏر نه کائيندا.

ڳوٺ ۾ ٺاهيل مسجد ويران پئي هوندي هئي، اهي نه نمازون پڙهندا هيا ۽ نه ئي ڪا روزي عبادت جي مقصد ۽ مطلب جي انهن کي خبر هئي. ان ڳوٺ جو ڇڱو مڙس جنهن کي ٿلهي جسم تي پيٽ ڪان مٿي گنجي پاتل هوندي هئي ۽ گوڏ سندس ٻاهر نڪتل اڌ پيٽ تي ٻڌل هوندي هئي. اهو گوڏن جي سور ڪان پنهنجي گهر جي در ٻاهران ويٺل هوندو هيو. مزدورن جي ان ڳوٺ جا ماڻهو سڄو ڏينهن نوجوان عورتن ڪي ساڻ ڪري شهر ۾ ٺهندڙ عمارتن تي ڪم ڪندا هيا ۽ شام جو موٽندي چرس جا روڙا اهڙي ته مهارت سان لڪائي ڪٽي ايندا هيا جو درياهه ڪناري ٺهيل باغ پر سان بيٺل پوليس وارا جڏهن انهن جي تلاشي وٺندا هيا ته گهڻي ڪوشش جي باوجود اهي ان لڪايل چرس ڪي حاصل نه ڪري سگهندا هيا. رات جو سڀ ڳوٺ وارا گڏجي ويهندا هيا ۽ پوءِ اهو ڳوٺ چرس جي ناسي دونهي ۾ پورجي ويندو هيو. ڳوٺ جو ڇڱو مڙس هڪ وڏي ديڳ مان سيني ڪي ماني ورهائي ڏيندو هيو. انهن ڪي نشي ۾ اها خبر نه پوندي هئي ته هو پنهنجيءَ زال سان ستل آهن يا پرائيءَ عورت سان. ڳوٺ جا سڀ ٻار انهن جي گڏيل ملڪيت هوندا هيا. انهن جي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيريندي هو ڪڏهن به پنهنجي ۽ پرائي ۾ فرق محسوس نه ڪندا هيا. جيڪي ڪمائيندا هيا اهو ايمانداريءَ سان ڇڱي مڙس حوالي ڪندا هيا

۽ چڱومڙس لاهي پائي سڀ انهن متان خرچ ڪندو هيو. ٻار ڄڻيندي اڪثر عورتن جو موت واقع ٿيندو هيو پر ڳوٺ ۾ ڪو روئندو نہ هيو. ڪڏهن ڪو ٻار وڏي روڊ ڏي نڪري ڪنهن گاڏيءَ هيٺان اچي چيپاٽجي ويندو هيو تہ شهر جي ميونسپلٽيءَ وارا ان کي کڻائي ويندا هيا. ڪو ماڻهو ڳوٺ وارن تي ڪاوڙبو هيو تہ سندن در ٻاهران بيهي پيڻ ماءُ جون ڪچيون گاريون ڏيندو هيو ۽ هو هٿ ٻڌي جان ڇڏائيندا هيا. اهي جن کي نوان مسلمان چيو ويندو هيو تن کي نہ دوزخ جو خوف هيو ۽ نہ جنت جي لالچ. دونهي ۾ ويڙهيل اهو هڪجهڙين ڪچين هڪ ماڙ جائين وارو ڳوٺ ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل ڪنهن خواب جيان هوندو هيو.

هن سوچيو بيشڪ عزت ۽ جهالت دنيا جا وڏا موضوع آهن پر اهو ڪو اهڙو خيال هيو جيڪو منفرد ۽ نواڻ سان ڀرپور هيو.

هو سوچيندو رهيو ۽ پوءِ هن جي اکين اڳيان هڪ شخص جو چهرو تري آيو. هڪ ڏاڙهي مڇون ڪٽيل ڊگهي منهن وارو شخص جنهن کي مٿي تي ٽوپلو ۽ لنڊا مان ورتل چمڙي جو ڪوٽ پاتل هوندو هيو. هو ڪوٽ جا ڪالر مٿي ڪري اڌ منهن ڍڪي وات ۾ هڪ پراڻو پائيپ وجهي ڪاري عينڪ سان رات جو اڪثر هن جي هاسٽل واري ڪمري جي دريءَ وٽ اچي نروار ٿيندو هيو. هو ان کي ڏسي ڪمري جو در کوليندو هيو ۽ پوءِ اهو شخص ڪنهن ٻنل چور جيان اچي ائين ڪرسيءَ تي ويهندو هيو جيئن پوليس ان پويان پيل هجي.

"بس ڪامريڊ هاڻي دير نہ آهي." هو اتاولو ٿي چوندو هيو.

"انقلاب ٻن ٽئن قدمن جي فاصلي تي آهي."

هو پائيپ مان زهريلي دونهي جا ڪش هڻي ڳالهائيندو هيو.

"توکي هر امتحان لاءِ تيار رهڻ گهرجي، اسان کي تو جهڙي سجاڻ ۽ ذهين ماڻهوءَ جي سخت ضرورت آهي."

پوءِ هو سوشلزم ۽ ڪميونزم تي اهڙو تہ ڳالهائيندو هيو جو هن جي ڳالهين جا حوالا ڪنهن بہ ڪتاب ۾ موجود نہ هوندا هيا. تن ڏينهن شراب پيئڻ ۽ سوشلزم تي ڳالهائڻ فيشن هوندو هيو. ترقي پسند، رجعت پسند، پرولتاري ۽ بور زوا جا لفظ هر لکيل پڙهيل جي زبان تي هوندا هيا. ترجمو ٿيل روسي ادب ڪتاب گهرن تي عام وڪري لاءِ سستي اگهن تي موجود هوندو هيو. ڪارل مارڪس ۽ لينن کي پنهنجو رهبر سمجهندي هر ڪنهن وٽ ڪميونزم ۽ سوشلزم جي باري ۾ الڳ الڳ خيال ۽ بحث هوندا هيا.

اهو پراسرار شخص جنهن کي هو ڪامريڊ چمڙا پوش چوندو هيو اڪثر راتين جو اچي هن سان بحث ڪري نوان مونجهارا پيدا ڪندو هيو. هڪ رات ڪامريڊ چمڙا پوش اوچتو ڪاري عينڪ سان اچي هن جي ڪمري وٽ دريءَ مان نروار ٿيو ۽ ان ڪمري ۾ گهري ڪوٽ جا چمڙي وارا ڪالر مٿي ڪندي هن کي چيو

"اٿ ڪامريڊ انقلاب جو وقت اچي ويو آهي، اج تنهنجو امتحان آهي."

هو ڪامريڊ جي سڏ تي لبيڪ چئي اٿيو ۽ سپ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هن سان گڏ تيزيءَ سان ڪمري مان ٻاهر نڪتو. ٻاهر نڪري ڪامريڊ چمڙا پوش هن کي اڳيان سائيڪل تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ هو رات جو اونده ۾ سنسان روڊ تي تيزيءَ مان سائيڪل هلائيندو هن کي شهر کان ٻاهر هڪ قبرستان ۾ وني آيو. سياري جا ڏينهن هيا ۽ هو ٿڙ ٿڙ پئي ڏڪيو. ماحول ائين هيو جيئن ٿڌ ڪري قبرن جي وات مان ٻاڦ پئي نڪتي.

ڪامريڊ چمڙا پوش هن کي سائيڪل تان هيٺ لاهي مرڪيو ۽ چيو

"شاباس ڪامريڊ تون اج هڪ وڏي امتحان ۾ پاس ٿي ويو آهين، تو ثابت ڪيو آهي ته ڪنهن به ضرورت وقت تون بنا ڪجهه سوچڻ جي انقلاب لاءِ ڪم اچي سگهين ٿو."

پوءِ هن چيو "بس تنهنجو امتحان پورو ٿيو. هاڻي واپس سائيڪل تي ويهه ته توکي هاسٽل ڇڏي اچان."

هن جي ڏنڏلين يادن ۾ اج به ڪامريڊ چمڙا پوش سج اڳيان ايرندڙ دونهي مان هيٺ ڏرتيءَ تي ٿهندڙ پاڇن جيان غير واضح پر موجود ضرور هيو. هن سوچيو بيشڪ انقلاب ۽ بي وقوفي اهم موضوع آهن پر اهو ڪو اهڙو موضوع هيو جيڪو عظيم هيو.

هن کي ان انفرادي موضوع کي ياد ڪندي گهڻي ويل لنگهي وئي اهو انوکو موضوع جنهن کي هو وساري وينو هيو اهو هن جي ذهن جي ڪنهن به اونداهي ڪنڊ ۾ ڪرٽي جيان ظاهر ٿي ڪو نه نڪتو. هو نيٺ بيزار ٿي ويو. اهو موضوع شايد ڪو وهم يا وسوسو هيو جنهن جي ڪا به حقيقت نه هئي. آخرڪار هن فيصلو ڪيو ته وڌيڪ سوچڻ فضول آهي، پوءِ هن ٿڌو ساهه کڻي جسم کي ڍلو ڇڏي ڏنو ۽ آرام سان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. واءُ لڳي ۽ هن جا کاهڻي لکڻ لئي ڪاغذ هوا ۾ اڏامي هليا ويا. هن سٽ ڏئي پين کي پري ڦٽو ڪيو. هو ڪيتري دير ائين وينو رهيو. هن ساهه ائين پئي کنيو جيئن اهي هن جي زندگيءَ جا آخري ساهه هيا.

اوچتو هن جون اکيون ڪنهن اونده ۾ تيز روشنيءَ جيان کلي ويون سندس پوڙهي جسم ۾ سگهه اچي وئي. هو اٿيو ۽ هن پري اڇلايل پين ۾ وجي هٿ ڏنو. هو ڊڪندو انهن ڪاغذن پويان ويو جيڪي واءُ ۾ وکري چڪا هيا. هن ڪاغذ هٿ ڪيا ۽ پوءِ هن تيزيءَ سان لکڻ شروع ڪيو.

اوچتو اهو انفرادي موضوع هن جي ذهن ۾ واپس اچي چڪو هيو.

•

# ڦُڙا

هو ويران جاءِ ڳولهيندا رهيا. ويراني عاشقن جي جنت هوندي آهي. گُل، ٻوٽا، وڻ، ڦل، هوا، پاڻي ۽ جبل عشق جي پيداوار آهن. هو جيڪي وڇڙيا ۽ مليا، نہ وڇڙجڻ جي حسرت ۾ رليا. اڪيلائيءَ جي ڳولها ۾، جتي پهچي وڃي سگهن. اندر جي ٻاهه اوتي سگهن.

ٻاهه جا ٻہ قسم آهن. اندر جي ٻاهه ۽ ٻاهر جي ٻاهه. ٻاهر جي ٻاهه نظر ايندي آهي. اندر جي ٻاهه محسوس ڪبي آهي. عشق جي ٻاهه سيني ۾ ۽ بکايل جي ٻاهه پيٽ ۾ هوندي آهي. انسان قيامت جو منظر آهي، دل جنت ۽ پيٽ دوزخ آهي.

اهي هجومن کي چيريندا اڳتي وڌندا رهيا. ويراني ڪٿي بہ نہ هئي، اڪيلائي ڪٿي بہ نہ هئي. انهن ٻن جي اڪيلائي.

ٻن جي اڪيلائي انڪري تہ اهي هڪ هيا، جدائي بہ تخليق ڪندي آهي ۽ ميلاپ هڪ. اهي الڳ هيا تہ بہ هيا. مليا تہ هڪ ٿيا. انهن جي وڇوڙي جو سبب وقت هيو. وقت جيڪو سدائين ساڳيو نہ آهي. وقت جيڪو ٽڪنڊو آهي، چوڪنڊو آهي، مستطيل، گول ۽ ڏگهي لڪير آهي. ڪڏهن انسان گول ڦري ٿو ڪڏهن چار پاسا. ڪڏهن ٽڪنڊي ۾ وچڙجي پاڻ سان ٽڪرائجي پوي ٿو ۽ ڪڏهن ڏگهي لڪير ۾ بي مقصد هلندو رهي ٿو.

انهن وقت جي قيد کان فرار ٿيڻ چاهيو پئي، هڪ اهڙي آزادي جنهن ۾ ويجهو اچي هڪ ٻئي ۾ قيد ٿي سگهن. فرار جي حسرت ۾ ڊوڙندي انهن جي اميد جا پير گسي ويا پر هو نا اميد نہ هيا. مدتن بعد مليا هيا ۽ ڪين پڪ هئي تہ اهڙي جاءِ تي پهچندا جتي ڪو بہ نہ هوندو. هو ويجهو اچي هڪ ٻئي کي ڏسي سگهندا، دل جي حسرت پوري ڪري سگهندا ۽ ٻَرَ ڪندڙ ٻاهه وسائي سگهندا.

اڪيلائين طرف ڊوڙندي هن، ان کي چيو ”انتظار جي عمر وڏي آهي.“

”پر انتظار ۽ خضر موت جي قيد کان آزاد نہ آهن.“ ان چيو.

”وڇوڙي جو عرصو حياتيءَ جو خال آهي.“ هن چيو.

”حياتيءَ جو خال اڻ هوند آهي ۽ اڻ هوند ۾ ميلاپ آهي.“ ان چيو.

هو هلندا رهيا ۽ ڊوڙندا رهيا.

”وڇوڙي جون مدتون ميلاپ سان زائل ٿي وڃن ٿيون.“ هن چيو.

”وڇوڙو ميلاپ جو خواب آهي.“ ان چيو.

”سيني جي شاخ ۾ لڙڪندڙ دل ڳوڙهي جو عڪس آهي.“ هن چيو.

”دل جسم تي اميدن جو داغ آهي.“ ان چيو.

جڏهن ويڇوڙائي جي حسرت ۾ جلي رهيا هيا ته مينهن وسي رهيو هيو. ٿمندڙ پاڻي انهن جي چپن وٽ ضايع ٿي رهيو هيو. سندن اڃ اجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هيو. اهي آلي ڌرتيءَ تي خشڪ هوا جيئن هلي رهيا هيا. انهن وٽ ويڇوڙو ڌرتي ۽ آسمان جي وٿيءَ جو احساس هيو.

“مون وٽ ميلاپ جو تصور سج گرهڻ آهي.” هن چيو.

“۽ مون وٽ چنڊ گرهڻ” ان چيو.

“ڇا تون رات ۽ ڏينهن آهيان؟” هن پڇيو.

“نه” ان چيو “ڏينهن ۽ رات جو ميلاپ”

هلندي هن ڪيس عجب مان ڏٺو ۽ چيو “مان صبح آهيان جتي رات ڏينهن سان ملي ٿي.”

“۽ مان سانجهي جتي ڏينهن رات سان ملي ٿو.” ان چيو.

اهي هلندا رهيا، ويڇوڙي جي پوروڇوٽ لڪيرن تان، ويڇوڙي جون پوروڇوٽ لڪيرون جيڪي انهن جي پيڙا جو عذاب محسوس ڪندي ڪاتب جي ڏکي ويل هٿ جي جنبش سان ملي هڪ ٿي ويون هيون. پوروڇوٽ ڏکيون لڪيرون جيڪي مثل زندگيءَ جو نشان هيون. لڪيرن جي جنبش جنهن ۾ زندگيءَ جي حرڪت هئي. لڪيرن جو ميلاپ ۽ لڪيرن تان لنگهيندڙ ٻن دلين جو ميلاپ جيڪو ويڇوڙي جي اڻ ڪٿ فاصلي جو انت ۽ هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃڻ جي جستجو ۽ لامڪان ڏي ويندڙ اهڙو سفر جنهن ڪٿڻ جو نانءُ نه پئي ورتو. هو هلندي ٿڪجي پيا.

“پيار جا ڏيئا شهوت جي بهشت ۾ ٻرن ٿا.” هن سهڪندي چيو.

“ها” ان چيو “بهشت دوزخ ۾ سڙي ٿو.”

هو سڙي خاڪ ٿي چڪا هيا، اندر جي اڃ اجهائڻ لاءِ ڪين اڪيلائي نصيب نه ٿي، جڏهن هڪ ويراني ۾ پهتا ته ويل لنگهي چڪي هئي، هو عمر جي خزان ۾ سڙي ويل وڻ جي ڇڏي ڇانوَ ۾ ويٺا، انهن هٿ هٿ ۾ ڏنو ۽ دل کولي رُنا، جڏهن ڳوڙهن جا ڦُڙا ٻاهر نڪتا ته مطمئن ٿيا.

•

# پڳل روڊ

ڪراچي سٽي گورنمينٽ جي حد ڇڻ موسميات چورنگيءَ وٽ ختم ٿئي ٿي، سپ اورهيڊ پليون، ويڪرا صاف رستا ۽ ٽريفڪ جو نظام موسميات چورنگيءَ کان پهريون آهي. اوهان جيئن موسميات چورنگي ٽپندا تہ گندگي، پڳل روڊ، اپرندڙ گٽر ۽ ٽريفڪ جي پيهہ شروع ٿي ويندي.

منهنجو گهر موسميات کان اڳتي، صفوران چورنگيءَ کان چار ڪلوميٽر پري سچي پاسي سپرهائي وي پرسان آهي. اهو چار ڪلوميٽر روڊ ڪڏهن ائين هوندو هيو جيئن ڪنهن گم ٿي ويل شهر جي ڪنڊر جي رستي کي ڪوتي ڳولهيو ويو هجي. هر هنڌ ڪڏون ۽ کڏا هوندا هيا. هلڪي هوا تي گهٽي مٽي اڏامندي هئي. آفيس اچڻ ۽ وڃڻ وقت منهنجو گذر ان روڊ سان ٿيندو هيو. ساڄي روڊ تي ٻن طرفن کان هلندڙ ٽريفڪ ڪري ننڍا وڏا حادثا پڻ ٿيندا هيا.

هڪ ڏينهن اتي هڪ شخص نظر آيو جنهن وٽ بيلچو هوندو هيو ۽ اهو روڊ جي پاسن کان مٽي کڻي کڏن ۽ کڻن ۾ وجهي رستو هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هيو جيئن ٽريفڪ جي رواني برقرار هجي.

اهو چار ڪلوميٽر روڊ ائين هوندو هيو جيئن اسان جي ملڪ جا چار صوبا ۽ بيلچو اهڙي سربراهہ وٽ هجي، جيڪو مٽي وجهي پڳل روڊ جي هڪ ڪلوميٽر جي مرمت ڪندو هجي تہ مرمت ڪيل ٻئي ڪلوميٽر جي مٽي لنگهيندڙ گاڏين جي ٽائرن هيٺان اچي اڏامي ويندي هجي ۽ کڏا کڏا وري ظاهر ٿي پوندا هجن. جڏهن هو بيلچو کڻي ٽئين ڪلوميٽر جي مرمت ڪندو هجي تہ چوٿين ڪلوميٽر وٽ اڳ مرمت ڪيل روڊ جي مٽي اڏامي کڏا کڏا ظاهر ڪري وجهندي هجي.

ان جي محنت کان متاثر ٿي گاڏين ۾ لنگهيندڙ اڪثر ماڻهو سندس مالي مدد ڪندا هيا ۽ ان بي روزگار شخص جي روزگار جو در کلي پيو. ان شخص پنج سال روڊ جي مرمت جي ڪوشش ڪئي. اهو مٽي وجهي وٽ آهر روڊ کي هموار ڪري ايندڙ ويندڙ گاڏين لاءِ سهولت فراهم ڪندو هيو پر مٽي کڏن ۽ کڻن ۾ ٽڪندي ڪونہ هئي. مون هڪ دفعي گاڏي روڪي کيس خرچي ڏني ۽ سوال ڪيو

”گذريل پنجن سالن کان تون ڪنهن سربراهہ جيان روڊ جي مرمت ڪري رهيو آهين پر ڪهڙو فائدو؟“

منهنجي عجيب سوال تي هو مرڪيو ۽ جواب ڏنائين

”صاحب مون وٽ هڪ بيلچي ۽ مٽيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي.“

مون پوءِ بہ کيس شاباس ڏيندي چيو ”نہ هجڻ کان ڪجهہ هجڻ بهتر آهي.“

پنجن سالن کانپوءِ حڪومت کي روڊ نهرائڻ جو خيال آيو ڇو جو شهر ۾ تنگيءَ سبب اڏاوتن جو زور شهر جي ٻاهرن پاسن ڏانهن هيو. ان روڊ ڪناري وڏيون عمارتون اڏجڻ لڳيون ۽ تڪ جي ميمبر کي بجيٽ جاري ڪئي وئي جيئن اهو روڊ نهرائي ۽ مستقبل جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي.

جڏهن نئون روڊ ٺهيو تہ اهو مٽي وجهندڙ شخص بي روزگار ٿي ويو. نئين روڊ ۾ ڪٿي بہ کڏو کپو نہ هيو جو هو ان ۾ مٽي وجهي هموار ڪري سگهي. چار ڪلوميٽر روڊ ڪاري ڏانمر هيٺان دفن ٿي ويو ۽ گاڏيون زوڪٽ ڪنديون ان مٿان هلڻ لڳيون. هڪ ڏينهن اهو شخص مايوس ٿي بيلچو کڻي هليو ويو.

روڊ ٺهڻ جي پهرين سال ايڏو مينهن نہ وٺو جيڏي ان جي اڳڪٿي هئي. ماڻهن جي اڪين مان ٽمندڙ ڳوڙها ڏسي ڪراچيءَ مان مينهن موڪلائي ويو آهي. ڪجهہ ڪٽيون وسيون تہ روڊ ۾ ڏار پئجي ويا. ڏک کان روڊ جو سينو ڦاٽي پيو. گاڏيون هليون تہ وري کڏا ۽ کپا ٺهي پيا.

اهو روڊ پنج سال بہ نہ هليو ماڻهن لاءِ مصيبت ٿي وئي. حادثا وڌي ويا ۽ ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي، اتي مٽيءَ سان کڏا کپا پرڻ وارو ڪير نہ هيو.

ٽريفڪ ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جون اکيون وري روڊ جي پاسن کان بيلچو جهلي بيٺل شخص کي ڳولهڻ لڳيون.

•

# پراسرار ڪتو

اهو جنوريءَ جو ڏينهن هيو جڏهن ڪتي چوويهن ماڻهن کي چڪ هنيا. سيءُ نه هيو ماڻهو ڪتي کان ڏڪي رهيا هيا.

مان ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽر آهيان. ڪجهه ڏينهن اڳ مون ڊاريڪٽر کي صلاح ڏني هئي ته "ڪتن جو تعداد ايڏو نه آهي جيڏو ڪتن کان متاثر ماڻهن جو جيڪڏهن ماڻهن بجاءِ ڪتن کي سئيون هنيون وڃن ته قومي خزاني جو نقصان گهٽ ٿيندو."

ڊائريڪٽر منهنجيءَ صلاح تي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ چيائين "ڪتن کي پڪڙي سئيون هڻڻ سولي ڳالهه نه آهي. ٻيو ته اسان جي ملڪ ۾ اجان اهڙيون سئيون ايجاد نه ٿيون آهن جيڪي ڪتن کي هنيون وڃن. جيڪڏهن انهن کي هڻڻ لاءِ سئيون ٻاهران گهرايون ته قومي خزاني جو نقصان گهٽ نه پر اجان وڌيڪ ٿيندو.

مون وري ڪيس ٻئي تجويز پيش ڪندي چيو "جيڪڏهن ڪتن کي سئيون نه ٿا هڻايون ته گهٽ ۾ گهٽ گوليون ضرور هڻايون. ماڻهن جي جان ته ڇٽندي."

"اجا گولين هڻائڻ جو وقت نه آيو آهي." ڊائريڪٽر چيو "انتظار ڪر."

انتظار جو نتيجو اهو نڪتو جو ان ڏينهن ڪتي جا ڪاٽل چوويهه ماڻهو اسپتال آندا ويا. جن کي چنگهن. هٿن ۽ ٻانهن تي زخمن جا نشان هيا. حيرت جي ڳالهه هئي ته ڪتو هڪ عورت جي اها آڱر پٽي ويو جنهن ۾ ڪيس مگڻي جي منڊي پاتل هئي. سيني جا زخم صاف ڪري پٽيون ٻڌيون ويون ۽ ڪتن کان بچاءُ جا ٽڪا هڻي گهر روانو ڪيو ويو. جڏهن ڊريسر انهن کان ڪتي متعلق پڇيو هيو ته سيني ساڳيو جواب ڏنو "اهو ڪاري رنگ جو ڪتو توانو ۽ طاقتور پئي ڏنو جنهن کي پيشانيءَ تي ميڻ بتيءَ جي شعلي جهڙو اڇو نشان هيو."

مون علائقي جي اسسٽنٽ ڪمشنر سان رابطو ڪري ڪيس صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته "ٽائون ۾ هڪ ڪاري رنگ جو ڪتو داخل ٿي ويو آهي. جنهن کي پيشانيءَ تي ميڻ بتيءَ جي شعلي جهڙو اڇو نشان آهي. ڪتو بظاهر بيمار نظر نه ٿو اچي. ان ڪيترن ئي ماڻهن کي چڪ هڻي زخمي ڪري وڌو آهي. چوويهه ماڻهو اسان اسپتال ۾ علاج ڪانپوءِ فارغ ڪري چڪا آهيون."

اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل ڪارپوريشن فون ڪري اهڙا عملدار گهرايا. جن قيمي ۾ زهر ملائي ٽائون ۾ اڇلايو. ڪتن جي مضبوط نيٽ ورڪ سبب اهو ڪنهن ڪتي نه ڪاڌو ان غلط فهميءَ ۾ ٽائون جا سڀ شريف ٻلا ۽ ٻليون، ٻچن سميت دنيا مان موڪلائي ويا.

فيبروريءَ ۾ ڪتي جي ڪاڙل ماڻهن جو تعداد ان حد تائين وڌي ويو جو ٻيا سڀ مريض، جن ۾ نزلي زڪام ڪان وٺي ويندي ٽائفائيڊ، مليريا، پيٽ جي ڪيڙن ۽ چمڙيءَ جي بيمارين جا مريض شامل هيا، انهن کي اهو چئي واپس ڪيو ويو ته "اسپتال ۾ ڪاري ڪتي جا ڪاڙل ماڻهو ايڏا ته ڪنا ٿي ويا آهن جو پير پائڻ جي جاءِ نه آهي، جيڪڏهن ٻيا مريض داخل ٿيا ته ڊاڪٽرن ۽ عملي کي اسپتال کان ٻاهر ويهڻو پوندو."

هڪ مسجد مان اعلان ڪيو ويو ته "ماڻهو هڪ ڪاري ڪتي کان هوشيار رهن، جيڪو اوچتو حملو ڪري گهٽين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ڪنهن کي ڪتو ڪٿي لڪيل نظر اچي ته ٽائون جي چڱي مڙس گل خان کي اطلاع ڪري."

هڪ ڪباڙي جنهن جي گاڏي تي ٻيڙي بحري جهاز جا ڪٽ لڳل پرزا پيل هيا، اهو جيڪسن مارڪيٽ کان ٿيندو جڏهن ريل جي ان پٽڙيءَ وٽ پهتو جنهن تان گڏريل سٺ سالن کان ڪا به ريل نه لنگهي هئي ته اتي ان کي ساڳيو ڪتو نظر اچي ويو. ڪباڙي گاڏو ڇڏي وٺي ڀڳو ۽ اچي گل خان کي ٻڌايائين ته هن اهو ڪتو ريل جي پراڻين پٽڙين وٽ ڏٺو آهي. گل خان پنهنجي دونالي‌ءَ ۾ صرف هڪ گولي اهو سوچي وڌي ته "ڪتي لاءِ هڪ ئي ڪافي آهي."

اهو ڪباڙيءَ سان جيپ ۾ چڙهي ريل جي پٽڙيءَ تي پهتو. ڪاٺ جي ڳريل سليپرن وچ ۾ ڪوٽيل ڪڏ اندر جيئن بندوق سڌي ڪيائين ته ڪتي الر ڪيس، گل خان جي گولي ڇٽي وئي ۽ ڪتي جو سينو پار ڪري ڪجهه ڇريا ڀرسان بيٺل ٻڙ ۾ گهري ويا. ٽڙ مان دونهون اٿين نڪرڻ لڳو جيئن ڪتي جي پيشانيءَ تي ميڻ بتيءَ جو شعلو وسامي ويو هجي.

سڄي ٽائون ۾ هوڪر پئجي وئي "جيڪو ڪم ميونسپل وارن کان نه ٿيو، اهو گل خان ڪيو آهي، ڪارو ڪتو مري چڪو آهي."

اها حيرت جي ڳالهه هئي ته ڪتي جي مرڻ کان پوءِ ڪتي جا ڪاڙل اڃان به اسپتال اچڻ لڳا. هر ڪو سوچڻ لڳو جيڪڏهن ڪتو مري چڪو آهي ته پوءِ هيءَ وري ڪهڙو ڪتو آهي جيڪو ماڻهن جي ڪڌ پئجي ويو آهي؟ سڀ فڪرمند ٿي ويا.

هڪ لنگڙو جنهن جي ڪاٺ جي گهوڙيءَ کي ڪتي جنگهه سمجهي چڪ پاتو هيو. اهو اسپتال آيو ۽ ٻڌايائين ته ساڳيو ڪتو مون وزير مينشن جي پليٽ فارم پويان وچايل ڪوئلي جي ڍير تي ڏٺو آهي. اهو ڪارو ڪتو ڪوئلي جي ڍير تي ائين سٽل هيو جو نظر نه اچي رهيو هيو، سواءِ پيشانيءَ جي نشان جي جنهن کي مون ڍير تي ويٺل اڇو ڪبوتر سمجهيو.

مون ڊاريڪٽر کي فون ڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو ته "ان ڪتي کي وزير مينشن اسٽيشن ڀرسان ڏٺو ويو آهي." ۽ اهو به ٻڌايو ته "ڪتن جي بچاءَ جي ٽڪن جو آخري پيڪٽ بچيو آهي."

ڊاريڪٽر اهو چئي جلدي ۾ فون بند ڪري ڇڏيو ته "ڪتي کي مارڻ لاءِ بندوق باز موڪليا ٿو باقي ٽڪن جو اسٽاڪ مان وٽ به ختم ٿي چڪو آهي."

مان مايوس ٿي ويس پر ٿوري دير ۾ خبر آئي ته ڪارو ڪتو ڪوئلي جي ڍير تي ڍير ٿي چڪو آهي. ان خوشيءَ جي خبر جو ڪو اثر نه ٿيو ٻئي ڏينهن اسپتال ۾ ڪتي ڪاڙلن جو ساڳيو تعداد هيو. ڊريسر جا پٽيون ڪري هٿ سڄي ويا ۽ ٽڪن جو اسٽاڪ صفا ختم ٿي ويو. ٽڪا اڻ لڀ ٿي ويا. ماڻهن اسپتال ۾ پيچ ڊاهه ڪئي، پوءِ روڊن تي نڪري آيا، ٽائر ساڙيائون، ٽريفڪ ۽ دڪان بند ٿي ويا.

بالا آفيسرن نوٽيس ورتو ۽ ميونسپل جا جوان رپيٽرن سان پهچي ويا، سڄي ٽائون جا ڪتا گوليون هڻي ماري وڌائون. اسپتال ۾ اها خبر پوندي هئي ته ڪتا مارڻ جي ايڪشن پلان تي عمل ٿي رهيو آهي ۽ روز ڏهه ٻارنهن ڪتا مري رهيا آهن.

پوءِ به حيرت جي ڳالهه هئي اسپتال ۾ ڪتي جا ڪاڙل ايندا رهيا.

ان ڪاري ڪتي جا ڪاڙل ڪيترا ماڻهو مري چڪا آهن پر اهو پراسرار ڪتو جيئرو آهي.

آخري اطلاع موجب ان ڪتي هڪ انڌي شخص تي حملو ڪري ڪيس دسي سيني ۾ چڪ هنيا، جڏهن ان انڌي شخص کي اسپتال وٺي آيا ته ٻڌايائين

"ڪتي کي پٽو پاتل هيو."

سڀ حيران ٿي ويا ۽ پڇيائونس

"تون ته انڌو آهين، تو کي پٽو ڪيئن نظر آيو؟"

هن ٻڌايو ته "جڏهن ڪتي حملو ڪيو ته منهنجو هٿ ان جي پٽي ۾ ڦاسجي ويو!"

هڪ انڌي پراسرار ڪتي جو معمو حل ڪري وڌو، دراصل پٽي پاتل ڪتا مارڻ غير قانوني عمل آهي.

●

# حالتون

موسا گهر ۾ اڪيلو هيو ۽ ڏينهن اڳ وڏو ياءُ ٻارن سوڌو سکر ويو. سندس اها ذميواري رکي ويو ته

"ايڪيورم ۾ مڇين کي داڻو ضرور ڏجانءِ."

۽ سونهري مڇيون جيڪي چمڪنديون نظر اينديون هيون. ڊرائنگ روم جي ڪنڊ ۾ رکيل ايڪيورم اندر پريشر واري ننڍڙي موٽر مچر جهڙي آواز سان جڻ پاڻيءَ ۾ ڦوهارو ڇڏيندي هئي. مڇيون مستيءَ ۾ ڇيلهه لوڏي ائين ترنديون هيون جيئن دنيا جون سڀ خوشيون ان تي ٻاءِ ٻن جي ايڪيورم ۾ قيد ٿي ويون هجن.

گهر جي پٽين کي مرانجهڙو رنگ انڪري ڪرايو ويو هيو جيئن اهي ميريون نه ٿين. واش رومز جي ٽائيلن تي جهرڪيون ڇاپيل هونديون هيون ۽ انهن هيٺان وٽين جا ڊير پيل هوندا هيا.

وڏو ياءُ هليو ويو پر ويندي ننڍي مٿان وڏي ذميواري رکي ويو. موسا هڪ ڊنل شخص هيو. اندر ۾ ائين ڏڪندو هيو جيئن مٿان خوف جي برف وسندي هجي. هو ظاهر ته پراعتماد هيو پر اندر ۾ ائين لڙهي ويل هيو جيئن سيلاب ڪان پوءِ ڪنهن ڳوٺ جي گهٽين ۾ گپ اندر پاڻيءَ جي پيرن جا نشان هجن. وڏو ته هليو ويو پر جڻ موسا مڇيءَ جيان ڄار ۾ ڦاسي پيو. شهر جون حالتون ٺيڪ نه هيون. ٽارگيٽ ڪلنگ ائين هئي جڻ جهنگ ۾ نشانو وٺي صحتمند هرڻ ڇڏي، ڪمزور هرڻ ماريندا هجن. ڪمزور هرڻ جي جسم تي ماس گهٽ هوندو آهي ۽ هڏا وڌيڪ. جن کي ڪتا وڏي شوق سان کائيندا آهن.

"مڇين کي داڻو ڏيڻو آهي."

موسا مٿي کي ڏک هڻي پٽڪيو ٻاهر وڃي در ڏٺائين. ڪڙو بند هيو. هو موٽي آيو ۽ پلنگ تي چڙهي وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڪيس دهشتگرد در پٺي گهر ۾ گهڙندي نظر آيا. اٿيو ٻاهر ويو. ڏٺائين ڪڙو بند هيو. رنڌڻي ۾ ويو ۽ پيڪٽ ڪنيائين جنهن ۾ مڇين جو داڻو پيل هيو. هن پهريون ڪڏهن مڇين کي داڻو نه ڏنو هيو. اهو پهريون دفعو هيو جو وڏي ياءُ سندس مٿان اها ذميواري رکي هئي. تصور ۾ هن کي وڏو ياءُ پرسان بيٺل نظر آيو.

"ياءُ ٿورڙو داڻو ڏجانءِ... او هيترو." وڏي ياءُ هٿ تي داڻا ڪڍي ڏيکاريا. "گهڻو داڻو نه ڏجانءِ. انهن جا پيٽ ڦاٽي پوندا."

وڏو ياءُ تصور ۾ سندس سامهون مرڪي رهيو هيو. اوچتو ان جي مرڪ ائين غائب ٿي وئي جيئن ڪليءَ مان قميص ڪري پئي هجي.

“ها” وڏي ياءُ سنجيدگيءَ سان ڪيس وڏيڪ سمجهائيندي چيو

“جيڪڏهن داڻو ڏيڻ وساريندين تڏهن بہ انهن جا پيٽ ڦاٽي پوندا، ڇو جو بکايل ماڻهن جا پيٽ ڦاٽل هوندا آهن.”

هن تصور ۾ ڏٺو بکايل مڇين جا پيٽ ڦاٽل هيا، ڪنهن ڪيس ٻڌايو هيو تہ مردي جو قبر ۾ سپ ڪان پهريون پيٽ ڦاٽندو آهي، ماڻهو مرندو تڏهن آهي جڏهن جهان مان ان جو رزق ختم ٿي ويندو آهي جنهن جو رزق ختم ٿيندو آهي، اهو بکايل هوندو آهي ۽ بکايل جو سپ ڪان پهريون پيٽ ڦاٽندو آهي، هن پرسان ياءُ قميص مٿي ڪري بيٺل هيو هيٺان ان جو پيٽ هيو پيٽ تي وار هيا، سندس ياءُ ٺهڪ ڏئي رهيو هيو.

“پوک پاڻيءَ تي ٿيندي آهي، پيٽ ۾ پاڻي هجي تہ وار ڦٽندا آهن.” ان چيو ۽ پوءِ اهو ٻاڦ ٿي ويو. اهڙي ٻاڦ جيڪا رنڌڻي ۾ پڇندڙ چانورن جو ڏيک لاهڻ سان ايامي تحليل ٿي ويندي آهي. هن کي تازن پڪل چانورن جي بوءِ آئي، هو بکايل هيو سوچيائين مڇيون بکايل آهن، هن داڻو کڻي مڇين جي ايڪيورم ۾ وجهي ڇڏيو مڇيون شفاف پاڻيءَ ۾ لهر جيان اپري مٿي آيون ۽ داڻا وات گول ڪري کائڻ لڳيون، موسا اوڳرائيءَ جو آواز ٻڌو.

“لڪڙ هضم، پٿر هضم، تي ويلا صرف هجمولا، خبردار خالي پيٽ ماني کائڻ منع آهي.”

ٽي ويءَ مان آواز آيو هو حيران ٿي ويو ٽي وي ڪنهن هلائي؟ هن تہ نہ هلائي، شايد بٽڻ کليل هيو اوچتو بجلي اچي وئي، نہ نہ بجلي تہ پهريون هئي، شايد اوچتو ٽي وي اچي وئي. ٽي وي ڪيئن اچي سگهي ٿي؟ ٽي وي آهي، ٽي بي تہ نہ آهي، ٽي بي ايندي آهي تہ کنگهہ مڇندي آهي، کنگهہ لاءِ بجليءَ جو هجڻ تہ ضروري نہ آهي.

“يار موسا ڇا ٿي ويو ٿي؟” هلندڙ پکي مان آواز آيو.

هن مٿي نهاريو سوچيائين هوائن جو مالڪ رب آهي، پکو ڪير ٿيندو آهي بڪ بڪ ڪرڻ وارو، هن بٽڻ بند ڪري ڇڏيو.

“خدا انسان کي طاقت ڏني آهي.”

هن پنهنجي منهن چيو ڪيس گرمي ٿي. “شهر جون حالتون خراب آهن.” پنهنجي منهن وري پُڇڪيو فرج مان ماني ڪڍي ٽئي تي رکيائين. ڪيس خيال آيو ڪڙو کليل آهي. تڪڙ ۾ ٻاهر ويو. ڪڙي کي ڇُهي محسوس ڪيائين، ڪڙو بند هيو هٿ سنگهيائين، بيسن وٽ ويو صابڻ سان صاف ڪيائين، سنگهيائين وري بوءِ اچي رهي هئي. وري ڌوتائين، سنگهيائين، هٿن مان ماني سڙڻ جي بوءِ اچي رهي هئي. پچندو رنڌڻي ۾ ويو ماني سڙي چڪي هئي. سندس دل چاهيو پيڪٽ مان مڇين جا داڻا ڪڍي چٻاڙي وڃي، ڪيس ڏاڍي بک محسوس ٿي، سوچيائين هُن مڇين کي داڻو ڏنو آهي الائي نہ. ذهن تي زور ڏنائين “شايد نہ” پيڪيٽ کولي ترئيءَ تي داڻا رکي ڊرائنگ روم ۾ ويو مڇيون مستيءَ ۾ هيٺ مٿي گهتون هڻي رهيون هيون، هن داڻو ايڪيورم ۾ وڌو ۽ مڇيون کائڻ لڳيون.

ڏينهن جي حياتي وڏي هئي، سچ نڪتو ته جڻ لٽوئي نه پئي. ڪڏهن ڏينهن ايڏو ڊگهو ٿي ويندو آهي جو ان جو مٿو سج سان ٽڪرائجڻ لڳندو آهي. ڪڏهن ايڏو ننڍو جو ڏرتيءَ تي پاڇو نه نهندو آهي، ڪڏهن رات ائين گول ٿي ويندي آهي جو ان ۾ گهٽيون ڳالهيون گول ٿي وينديون آهن ۽ ڪڏهن ائين چوڪنڊي جيئن موسا جا ڪلها، جيئن قميص جڻ هينگر ۾ تنگيل هوندي آهي. موسا چوڪنڊو آهي، سندس پنهنجي هڪ ڪنڊ دل ۾ چُڀندي محسوس ٿيندي آهي، ڇو جو شهر جون حالتون خراب آهن، روز ويهه ماڻهو مرن ٿا، لاتعداد زخمي ٿين ٿا. زخمي آهستي آهستي مرن ٿا ۽ جيڪي مئل آهن اهي روڊن تي گهمن ٿا. موسا ڊڄي ٿو. "يا رب بجليءَ جو خير."

هو نماز پڙهي ٿو خوف کان الحمد وسري وڃيس ٿو. نماز ۾ اکيون ٻوٽي الحمد ياد ڪري ٿو نماز پڙهي دعا گهري ٿو. "يا رب غلطيون معاف" تصور ۾ شيطان ڏسي ٿو. جيڪو اگهاڙو آهي ۽ مغز ۾ مٿي ٿو. سڀ ياداشتون لڙهنديون وڃن ٿيون.

موسا کي بک ورايو آهي، ٿڌا چانور ڪڍي کائي ٿو. چانور کائيندي ياد اچيس ٿو هن بسم الله نه پڙهي آهي، بسم الله پڙهي کلي ٿو. هن کي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ٿو. جڏهن ملان ٻڌايو هيس ته "بسم الله نه پڙهندين ته شيطان توسان گڏ کائيندو ۽ کاڌي مان برڪت نڪري ويندي."

"جيڪڏهن ماني کائيندي وچ ۾ بسم الله ياد اچي ته پوءِ؟" هن ملان کان سوال ڪيو.

"پوءِ شيطان الٽي ڪندو آهي."

ننڍي هوندي هو جاڙي واڙي مانيءَ وچ ۾ بسم الله پڙهي شيطان کي الٽي ڪرائيندو هيو ۽ هاڻي هن کان شيطان وسري ويو آهي، ڇو جو شهر جون حالتون خراب آهن. هن چانور کائيندي بسم الله پڙهي، کليو ۽ کيس پاڻ کي الٽي آئي، سوچيائين هن مڇين کي داڻو نه ڏنو آهي، پيڪيٽ کولي مڇين جو داڻو ڪڍي ترڪيءَ تي رکي ايڪيورم ۾ وجهي ڇڏيو، صابڻ سان هٿ ڌوئي، ٽي وي کوليائين، کيس ٽي ويءَ ۾ وڏو پاءُ نظر آيو جيڪو سکر پهچي ويو هيو. ٻارن سان خوش ڪٽ تي ويهي هنداڻو کائي رهيو هيو. ان ٿار ۾ چڪ هڻي اسڪرين ڏي منهن ڪري چيو "موسا مڇين کي داڻو ڏنو ٿي؟"

"اهو ته مون کان وسري ويو." هو اٿيو ۽ وري پيڪٽ کولي ترڪيءَ تي داڻو رکي ايڪيورم ۾ وجهي آيو. ٽي ويءَ تي رڌ پچاءَ جو پروگرام شروع ٿي ويو. "نهاري ڪيئن پچائجي؟" هڪ ڪاري رنگ جو ڪاسائي پان چٻاڙي چئي رهيو هيو. "شهر ۾ گهمندڙ ڪو به ماڻهو هٿ ڪيو. آرام سان گولي هڻي، ڪپڙن ۽ جوتن سميت ٻوريءَ ۾ وجهو مرچ مصالحا وجهڻ جو ضرور نه آهي. اهي سڀ ان ۾ موجود آهن. ان کي هلڪي باهه تي ڏوبي گهاٽ جي بنيءَ ۾ وجهي اچو صبح سان نهاري تيار پوليس وارا پليٽون کڻي توهان وٽ پهچي ويندا."

فون جي گهنٽي وڄي ٿي.

"هيلو...ڪير؟ پائو وڏو... هاها... مڇيون خوش آهن... پاڃائيءَ جو خيال ڪيو."

سوچي ٿو شايد مڇيون بکايل آهن. رنڌڻي ۾ وڃي پيڪٽ مان داڻا ڪڍي هن ايڪيورم ۾ اڇلائي ڇڏيا. موسا ڪان وسري ويو ته هن گذريل چوويهن ڪلاڪن کان ڪجهه نه کاڌو آهي. ڪيس بک محسوس ٿي. فرج ۾ هيو به ڇا. هڪ وانگڻ به ٽماٽا. ٿوري پالڪ هئي جيڪا ائين لڳڙي ٿي ڄڪي هئي جيئن روڊن تي گهمندڙ پوليس وارا. ٽماٽا وري به ٺيڪ آهن. باقي وانگڻ به ڪا ڪاٺ جي شئي آهي. اها سبزين جي چڙ آهي. ڇڙاڪ سبزيون هضم نه ٿينديون آهن. پيٽ ڦاڙي وجهنديون آهن. "اي رب دنيا ۾ ماڻهن جي هوندي وانگڻن جو کھڙو ضرور هيو."

ٻاهر در وٽ ڪو گهنٽي وڄائي ٿو ڏسي ڪيس حيرت ٿئي ٿي. ڪڙو ڪليل آهي. هن ته ڪڙو بند ڪيو هيو پو ڪليل ڪيئن آهي؟ جڏهن ڪڙو بند ڪرڻ آيو هيو ته بند ڪڙو کولي هليو ويو هيو.

"ڪير آهي؟" هو ٻاهر آواز ڏئي ٿو.

"ٽپالي"

"ڪيئن آيو آن؟"

"مڇين کي داڻو ڏنو ٿي؟" ٻاهران آواز اچي ٿو.

ڪڙو بند ڪري هٿ ڌوئي سنگهي ٿو وري ڌوئي ٿو رنڌڻي ۾ وڃي پيڪٽ کولي داڻا ٽريءَ تي رکي ايڪيورم ۾ اڇلي ٿو. مڇيون داڻن ڏانهن الرڪن ٿيون. موسا بک محسوس ڪري ٿو. ٽماٽو وات ۾ وجهي چٻاڙي سنڪ مٿان آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو. سندس منهن هيڊو ۽ وات ڳاڙهو آهي. سوچي ٿو شهر جون حالتون خراب آهن. مڇيون بکايل آهن. پاڻ کي کھڙو جواب ڏيندو. هڪ ننڍڙي ذميواري هن مٿان رکي ويو ۽ اها پوري ڪري نه سگهيو. هن رنڌڻي ۾ وڃي پيڪٽ کولي داڻا ٽريءَ تي رکيا ۽ ڊرائنگ روم ۾ وڃي ايڪيورم ۾ وجهي ڇڏيا.

سوچڻ لڳو ڪيڏو نه لاپرواهه ۽ غير ذميوار شخص آهي. هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪا ذميواري پوري نه ڪئي. پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪيائين. هن هٿ ڌوتا ۽ سنگهيائين. ڪيس مڇيءَ جي بوءِ آئي. ٻاهر ويو ڪڙو ڏنائين بند هيو اندر اچي بستر تي ڪري پيو. دل ائين ڌڙڪي رهي هيس جيئن روڊ تان ڪنهن جي ڊڪڻ جو آواز ايندو هجي. اٿي ويهي رهيو ڪنائڻ لڳو پاٽي پري پيتائين. ڪيس ياد آيو هن مڇين کي داڻو نه ڏنو آهي. رنڌڻي ۾ وڃي پيڪٽ کولي داڻا ٽريءَ تي رکي ڊرائنگ روم ۾ ويو داڻا ايڪيورم ۾ اڇلايائين. مڇين ۾ ڪا به حرڪت نه ٿي. نوڙي ڏٺائين. مڇين جا پيٽ ڦاٽل هيا.

●

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book